جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | خميس 29 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 17 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 18

وفاق پاران سنڌ ۾ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري جي ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ ريگيوليٽري سڌارن جو جائزو

سنڌ حڪومت پاران ايس بي او ايس ايس جي ڪاميابين جو مظاهرو؛ 173 بي-ريڊي اشارن جو جائزو، 58 شعبياتي سڌارن سان ساليانو اربين روپين جي بچت جو امڪان

صوبي ۾ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري جي ماحول کي بهتر بڻائڻ، انتظامي سڌارن کي تيز ڪرڻ ۽ وفاقي توڙي صوبائي ادارن جي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ واري اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

صوبائي ۽ وفاقي ڪاروباري پورٽلز جي ڳنڍڻ ۽ عالمي بئنڪ جي بزنس ريڊي (B_READY) فريم ورڪ تحت پاڪستان جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ جي قدمن جو جائزو ورتو ويو

انتظامي سڌارن جو نتيجو آسان طريقن، تيز منظوري، گهٽ تعميلي خرچن ۽ هڪ شفاف، اڳڪٿي جوڳي سيڙپڪاري واري ماحول جي صورت ۾ ڪاروبار لاءِ واضح فائدن ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي : مراد علي شاهه

CCoRR سڌارن جي عملدرآمد ذريعي اسان جو مقصد سنڌ کي ڪاروبار جي آساني، سيڙپڪاري جي ڪشش ۽ خانگي شعبي جي واڌاري لاءِ هڪ معيار (بينچ مارڪ) صوبو بڻائڻ آهي

هڪ ئي ڊجيٽل پليٽ فارم ذريعي ڪاروباري رجسٽريشن، لائسنسنگ ۽ انتظامي منظوري کي آسان بڻائڻ ۾ ان جي ڪردار کي نمايان ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعظم جي ريگيوليٽري ريفارمز تي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (CCoRR) سان ملاقات ڪئي ته جيئن صوبي ۾ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري جي ماحول کي بهتر بڻائڻ، انتظامي سڌارن کي تيز ڪرڻ ۽ وفاقي توڙي صوبائي ادارن جي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ واري اڳڀرائي جو جائزو وٺي سگهجي. ملاقات ۾ سنڌ جي ڊجيٽل ڪارو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

وزيراعظم جي صدارت هيٺ اجلاس: معيشت ۽ گورننس ۾ مصنوعي ذهانت جي استعمال کي وڌائڻ جو حڪم

وزيراعظم شهباز شريف معيشت ۽ گورننس ۾ مصنوعي ذهانت (اي آءِ) ڊيجيٽائيزيشن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي موثر استعمال تي زور ڏيندي لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن کي علي بابا جي تعاون سان جاري قدم تيز ڪرڻ جي هدايت

اجلاس ۾ پاڪستان ۾ ڊيجيٽل ٽيڪنالاجي کي هٿي، برآمدات ۾ اضافي، زرعي شعبي جي جديد ڪاري، صحت جي سهولتن ۾ بهتري ۽ سرڪاري خدمتن کي موثر بڻائڻ جي لاءِ جاري قدمن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

ڊيجيٽائيزيشن، مصنوعي ذهانت ۽ جديد ٽيڪنالاجي جو موثر استعمال پاڪستان ۾ واپار، برآمدات، زرعي پيداوار، ڪاروباري سهولت ۽ سرڪاري خدمتن جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو: وزيراعظم

ملڪي ترقي جو راز مصنوعي ذهانت ۽ ڊيجيٽائيزيشن جي موثر استعمال ۾ آهي ملڪي ترقي جي لاءِ زرعي شعبي کي جديد طريقي سان سنوارڻ ضروري آهي

هن علي بابا طرفان پاڪستاني زرعي جنسن کي چيني منڊين ۾ متعارف ڪرائڻ ۽ انهي جي برآمدات ۾ معاونت کي خوشي جوڳو قرار ڏنو

هن زرعي شعبي ۾ آٽوميشن کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ ٻه تعاون جاري رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو علي بابا جي تعاون سان ڪينسر جي اڳواٽ سڃاڻپ جي نظام کي جلد يقيني بنايو وڃي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف معيشت ۽ گورننس ۾ مصنوعي ذهانت (اي آءِ) ڊيجيٽائيزيشن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي موثر استعمال تي زور ڏيندي لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن کي علي بابا جي تعاون سان جاري قدم تيز ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. وزيراعظم جي صدارت هيٺ منعقد جائزه اجلاس ۾ پاڪستان ۾ ڊيجيٽل ٽيڪنالاجي کي هٽي، برآمدات ۾ اضافي، زرعي شعبي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، 9 دهشتگرد ماريا ويا

فورسز ضلعي ڪڇي ۾ ڪارروائي ڪئي، جتي فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڀارت جي پنيرائيءَ سان سرگرم 7 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز ضلعي ڪڇي ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻي کي به تباهه ڪري ڇڏيو

ضلعي وڏ ۾ به فورسز ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران ڀارت جي پنيرائيءَ سان سرگرم 2 دهشتگرد مارجي ويا

راولپنڊي (م د) بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين دوران 9 دهشتگرد مارجي ويا آهن. پاڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

هڪ چين واري پاليسي ”جي حمايت، پاڪستان تائيوان لاءِ هوائي حدون بند ڪري ڇڏيون

پاڪستان جو هوابازي وارو شعبو ’هڪ چين واري پاليسي‘ تي عمل ڪري رهيو آهي: خواجه آصف

جنهن تحت رڳو چين جي مکيه زميني حصي سان لاڳاپيل هوائي ڪمپنين کي پاڪستان جي مٿان اڏامڻ جي اجازت آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان چين جي ’هڪ چين واري پاليسي‘ جي حمايت ڪندي تائيوان جي هوائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

جسٽس محسن اختر ڪياني استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

جسٽس محسن اختر ڪياني ذاتي سببن جي بنياد تي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. ذريعن موجب جسٽس محسن اختر ڪياني ذاتي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ڪراچي: سيڪريٽري ماحوليات سنڌ فيصل احمد عقيلي تقريب کي خطاب ڪندي

ملڪ ڪنهن فوجي يا جنرل جو نه، سيني جو آهي، وڏي عرصي کان ناهيون وڙهيا هٿن ۾ وڙهڻ جي خارش آهي: مولانا

اسان اوهان جي هٿان مرڻ لاءِ تيار آهيون، پر تاريخ جي هٿان مرڻ لاءِ تيار ناهيون، هي ملڪ ڪنهن فوجي يا جنرل جو نه، پر اسان سيني جو آهي

پارليامينٽ عوام جي نمائندگي ڪندڙ ادارو آهي، پر هاڻي برداشت جي سگهه ختم ٿي رهي آهي ۽ حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون پيون وڃن

جڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف جو لانگ مارچ اسلام آباد ڏانهن اچي رهيو هو ته پي ٽي آءِ جي ساٿين ساڻس رابطو ڪري چيو ته ان معاملي ۾ سنڌس به ڪو ڪردار هئڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته اسان اوهان جي هٿان مرڻ لاءِ تيار آهيون، پر تاريخ جي هٿان مرڻ لاءِ تيار ناهيون، هي ملڪ ڪنهن فوجي يا جنرل جو نه. پر اسان سيني جو آهي. قومي اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته پارليامينٽ عوام جي نمائندگي ڪندڙ ادارو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه سان وفاقي حڪومت جو وفد ملاقات ڪندي

سيف علي شاهه جي مخدوم سعيد الزمان خلاف ڪارروائي لاءِ اين سي سي آءِ اي سان رابطو، درخواست جمع

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير خوراڪ جي سيڪريٽري سيف علي شاهه سنڌي ادبي بورڊ جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

مرحوم عامر لياقت جون نازيبا وڊيوز وائرل ڪرڻ واري ڪيس ۾ جوابدار دانيه جي گرفتاري جو حڪم واپس

ڪراچي (رپورٽر) مرحوم اينڪر عامر لياقت جون نازيبا وڊيوز وائرل ڪرڻ واري ڪيس ۾ جوڊيشل مئج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

عالمي يومِ اينيميشن تخليقي صلاحيتن، جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل فن کي هٿي وٺرائڻ جو اهم موقعو آهي: مراد علي شاهه

اينيميشن فن، ڪهاڻي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو ميلاپ آهي، نوجوانن کي گهرجي ته هو هن شعبي ۾ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪن

سنڌ حڪومت جو پيپلز انفارميشن ٽيڪنالاجي پروگرام (پي آءِ ٽي پي) نوجوانن کي جديد ڊجيٽل مهارتن سان ليس ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سنڌ ۾ منڪي پاڪس جو هڪ ٻيو ڪيس ظاهر

جنهن کانپوءِ هلندڙ سال صوبي ۾ رپورٽ ٿيل ڪيسن جو مجموعي انگ 100 کان وڌي ويو

جنهن کي انتهائي نگهداشت واري وارڊ (آءِ سي يو) ۾ منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ منڪي پاڪس جو هڪ ٻيو ڪيس سامهون اچي ويو آهي، جنهن کانپوءِ هلندڙ سال صوبي ۾ رپورٽ ٿيل ڪيسن جو مجم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اڳوڻي چيئرمين سينيٽ صادق سنجراڻي جي گهر 21 سالن کان پوءِ پٽ جي پيدائش

ڪوئٽا (م د) اڳوڻي چيئرمين سينيٽ صادق سنجراڻي جي گهر 21 سالن کان پوءِ پٽ جي نعمت ع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

جماعت اسلامي جو اسلام آباد مارچ نومبر جي وچ ۾ ٿيندو ۽ ملتوي نه ڪيو ويندو: حافظ نعيم الرحمان

لانگ مارچ کان اڳ ليوي ختم ڪرڻ لاءِ شفاف ۽ واضح نظام جوڙيو وڃي جماعت اسلامي پنهنجي طئي ٿيل مارچ جي فيصلي کان پوئتي نه هٽندي

پيٽروليم ليوي جو 70 سيڪڙو کان وڌيڪ بار غريب ۽ وچولي طبقي تي پئجي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ ن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت پاران 62.15 ملين ڊالر جي 6 ترجيحي موسمياتي منصوبن جون تجويزون تيار

آلودگي تي ضابطو آڻڻ ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ماحول دوست ڪاروبار ۾ وڏي سيڙپڪاري جون ڪوششون تيز ٿي ويون

برقي ٽرانسپورٽ سميت مختلف شعبن ۾ مجموعي طور 12 ڪروڙ ڊالر جي سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ جا منصوبا رکن ٿا

پاڪستان انويسٽر روڊ شو دوران انهن ڪاروباري ادارن پنهنجا منصوبا امڪاني سيڙپڪارن، بئنڪن ۽ ترقياتي مالياتي ادارن آڏو پيش ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ۾ موسمياتي تبديلين جي اثرن کي گهٽائڻ، آلودگي تي ضابطو آڻڻ ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ماحول دوست ڪاروبار ۾ وڏي سيڙپڪاري جون ڪوششون تيز ٿي ويون آهن. برطانوي حڪومت جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن جو تعين هر 15 ڏينهن جي بنياد تي ڪرڻ حوالي سان اهم اڳڀرائي

پيٽرول پمپ اونرز ايسوسيئيشن پيٽروليم ڊويزن جي عملدارن سان ملاقات ۾ قيمتن ۾ ردوبدل جو اڳوڻو 15 ڏينهن وارو نظام بحال ڪرڻ جو مطالبو

ملاقات دوران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ روزاني تبديلي واري نظام تي پنهنجا تحفظات پيش

قيمتن ۾ روزاني ردوبدل سان ڪاروباري استحڪام متاثر ٿي رهيو آهي ۽ ڪاروبار هلائڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن : موقف

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن جو تعين هر 15 ڏينهن جي بنياد تي ڪرڻ حوالي سان اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي. پيٽرول پمپ اونرز ايسوسيئيشن پيٽروليم ڊويزن جي عملدارن سان ملاقات ۾ قيمتن ۾ ردوبدل جو اڳوڻو 15 ڏينهن وارو نظام بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. جنهن تي عملدارن ان نظام جي بحالي جي خاطري ڪرائي آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

پاڪستان ۽ آذربائيجان جا لاڳاپا مضبوط حڪومتي رابطن کان علاوه مذهبي، ثقافتي ۽ تاريخي رشتن تي ٻڌل آهن: اعظم نذير تارڙ

ٻنهي ملڪن وچ ۾ قانوني معاملن ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار جاري آهي

وفاقي وزير آذربائيجان جي سفير کي پاڪستان ۾ سفارتي ذميواريون سنڀالڻ تي ڀليڪار چيو

قانوني شعبي ۾ باهمي سهڪار، ادارجاتي رابطن جي واڌاري ۽ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

گذريل هڪ سال دوران پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ ٽن تربيتي ورڪشاپس جو انعقاد ڪيو ويو

لاهور (م د) وفاقي وزير قانون و انصاف سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته پاڪستان ۽ آذربائيجان جا لاڳاپا مضبوط حڪومتي رابطن کان علاوه مذهبي، ثقافتي ۽ تاريخي رشتن تي ٻڌل آهن. ٻنهي ملڪن وچ ۾ قانوني معاملن ۽ انفارم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

هٿيارن جي زور تي شهرين کي هراسان ڪرڻ جي وڊيو وائرل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي علائقي ڊفينس ۾ ڪار سوار ماڻهن پاران هٿيارن جي زور تي شهرين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڪاروبار جي شروعات مثبت

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي ٽئين ڏينهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ٽنڊو باگو ۽ ٻڍيري ۾ پيش آيل روڊ حادثن جي نتيجي ۾ عورت سميت 2 ڄڻا فوت ٿي ويا

ٽنڊو باگو/ٻڍيري (رپورٽر) ٽنڊو باگو ۽ ٻڍيري ۾ پيش آيل روڊ حادثن جي نتيجي ۾ عورت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

اسلام آباد: وفاقي وزير احد چيمه اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي موسم جي تبديليءَ سبب نزلي، زڪام جي مريضن ۾ واڌ

جناح اسپتال ۾ روزانو نزلي ۽ زڪام جا 70 کان 80 مريض رپورٽ ٿي رهيا آهن

ان کان اڳ روزانو 40 کان 50 مريض اسپتال ايندا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ موسم جي تبديليءَ سبب نزلي ۽ زڪام جي مريضن جو انگ وڌي ويو آهي. جناح اسپتال جي ايمرجنسي انچارج ڊاڪٽر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

پاڪستان ۽ جمهوريه چيڪ جي وچ ۾ پراڻا ۽ دوستاڻا لاڳاپا وڌيڪ مستحڪم ٿيندا: صدر زرداري

ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گڏيل احترام، دوستي ۽ ويجهي تعاون تي ٻڌل آهن. صدر آصف علي زرداري ان اعتماد جو اظهار ڪيو

صدر آصف علي زرداري ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ۽ جمهوريه چيڪ دوستاڻي لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيندي

مختلف شعبن ۾ گڏيل مفاد جي لاءِ تعاون جون نيون راهون ڳولينديون رهنديون

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان ۽ جمهوريه چيڪ جي وچ ۾ پراڻا ۽ دوستاڻا لاڳاپا وڌيڪ مستحڪم ٿيندا. گڏيل مفاد تي ٻڌل تعاون جي نئين شعبن ۾ حصيداري جا موقعا پڻ ڳوليا ويندا. ايوان صدر جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي: سنڌ جي تعليم کاتي ، ريفارم سپورٽ يونٽ ۽ ٽرايجوڪيشن الائنس پاران اسٽيم پاليسي ڊائلاگ ڪوٺايو ويو

ريپ ڪيس، رشوت جي الزامن بعد جج جو ڪيس ٻڌڻ کان انڪار

ريپ ڪيس، رشوت جي الزامن بعد جج جو ڪيس ٻڌڻ کان انڪار

ان کان اڳ جوابدار جي وڪيل صفدر شاهين پيرزادي عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي

لاهور (م د) آذربائيجاني عورت سان اجتماعي زيادتيءَ واري ڪيس ۾ اهم جوابدار احمد تنوير جي ضمانت واري درخواست جي ٻڌڻيءَ کان ايڊيشنل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

سي سي اي 2024ع جي انٽرويوز جا نتيجا ڀيهر روڪڻ جو حڪم

انٽرويوز جي نتيجن خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪندي نتيجا هڪ ڀيرو ڀيهر روڪي ڇڏيا

عدالت ايندڙ ٻڌڻي تائين موجوده صورتحال برقرار رکڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سي سي اي 2024ع جي انٽرويوز جي نتيجن خلاف داخل د/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

9 مئي ڪيس: آفريدي سميت 5 ڄڻن جا وارنٽ جاري

پشاور جي دهشتگردي توڙ عدالت ۾ ڪيس جي ڀيهر ٻڌڻي ٿي، جيڪا جج ولي محمد ڪئي

ٻڌڻي دوران سرڪاري وڪيل عدالت ۾ پوليس چالان پيش ڪيو

پشاور (م د) 9 مئي تي ريڊيو پاڪستان تي حملي واري ڪيس ۾ دهشتگردي توڙ عدالت اڳوڻي وڏي وزير سهيل آفريدي سميت پنج نامزد جوابدارن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ڪي پي ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ جو حڪم

اليڪشن ڪميشن جي پنج رڪني بئنچ مڪاني چونڊن بابت محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو

اليڪشن ڪميشن خيبرپختونخوا ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ جو حڪم

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان خيبرپختونخوا ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي چونڊن جو شيڊيول جاري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ايس ايڇ او تي لڳايل 200 رپين جي ڏنڊ واري سزا معطل

منشيات جي روڪٿام واري عدالت ڪيس جو رڪارڊ پيش نه ڪرڻ تي ايس ايڇ او تي ڏنڊ لاڳو ڪيو هو

لاهور هاءِ ڪورٽ سزا 50 هزار رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جي عيوض ايندڙ ٻڌڻي تائين معطل ڪري ڇڏي

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ ڪوٽ لکپت جي ايس ايڇ او افضل رؤف تي لاڳو ڪيل 200 رپين جي ڏنڊ واري سزا معطل ڪري ڇڏي. جڏهن ته سندس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: پ پ پ جي مرڪزي ترجمان شازيه مري مخدوم حيدر زمان قريشي سان والد جي وفات تي تعزيت ڪندي

سنڌ ۾ اسٽيم لاءِ پاليسي ۽ بجيٽ جو مطالبو

رڳو سائنس فيسٽيول ڪرائڻ سان شاگردن ۾ سائنسي شعور کي مستقل طور هٿي نٿي ڏئي سگهجي: تعليمي ماهر

ان لاءِ ضروري آهي ته اسڪولن ۾ سڄو سال سائنسي ۽ تخليقي سرگرميون جاري رکيون وڃن

استادن کي تربيت ڏني وڃي، جديد سکيا لاءِ سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ نصاب ۾ عملي تجربن کي شامل ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ سائنس، ٽيڪنالاجي، انجنيئرنگ، آرٽس ۽ رياضي جي تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ الڳ پاليسي جوڙڻ ۽ بجيٽ مختص ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. تعليمي ماهرن ۽ اسٽيڪ هولڊرز چيو آهي ته شاگردن ۾ سائنسي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو پاران عوامي مسئلن جي حل لاءِ اثرائتي قدمن جي هدايت

جتي هن مختلف وفدن سان ملاقاتون ڪيون ۽ سندن مسئلن ۽ مشڪلاتن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي

ان موقعي تي صوبائي وزير لاڳاپيل اختيارين کي عوامي مسئلن جي فوري ۽ اثرائتي حل لاءِ وقت سر حڪم جاري ڪيا

هن وفدن کي سندن مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن سهڪار جو يقين ڪرائيندي جام اڪرام الله ڌاريجو ان عزم جو ورجاءُ ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو پنهنجي آفيس، سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ مصروف ڏينهن گذاريو. جتي هن مختلف وفدن سان ملاقاتون ڪيون ۽ سندن مسئلن ۽ مشڪلاتن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. ان موقعي ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سموگ سبب غريب طبقو وڌيڪ متاثر، امير ماڻهو حفاظتي قدم کڻي سگهن ٿا: ڊاڪٽر مصدق ملڪ

فضائي گدلاڻ ۽ سموگ سبب غريب طبقو، اسڪول ويندڙ ٻار، رستن تي ڪم ڪندڙ ماڻهو ۽ هاري وڌيڪ متاثر ٿيندا آهن

سرندي وارا ماڻهو ايئر پيوريفائرز ۽ ٻين حفاظتي قدمن ذريعي پاڻ کي گدلاڻ کان محفوظ رکندا آهن

فضائي گدلاڻ انساني سرگرمين ۽ پاليسي فيصلن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ بحران آهي

جنهن جا صحت ۽ معيشت تي اثر غير متناسب طور تي انهن ماڻهن تي پوندا آهن جن وٽ پاڻ کي محفوظ رکڻ جا وسيلا محدود هوندا آهن

اسلام آباد (بيورو) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي، ته فضائي گدلاڻ ۽ سموگ سبب غريب طبقو، اسڪول ويندڙ ٻار، رستن تي ڪم ڪندڙ ماڻهو ۽ هاري وڌيڪ متاثر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

IQRA UNIVERSITY IU
Meezan Bank
ZLK Islamic
IU CEIF
PRESENTATION OF SOUVENIRS AND
RECOGNITION OF STRATEGIC PARTNERS
ڪراچي: ايس اي سي پي جي ڪمشنر امتياز حيدر آٿوني شيخ ابراهيم بن خليفه آل خليفه کي شيلڊ ڏيندي

اسرائيل جي چونڊن ۾ ڪنهن کي به واضح اڪثريت نه ملي

يروشلم (م د) اڱاري جي رات اسرائيل ۾ ٿيل چونڊن جي ايگزٽ پولز مان ظاهر ٿيو ته ڪنهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

گهارو، پيش امام نامعلوم گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

گهارو (رپورٽر) ٽئين آبادي گهارو ۾ مسجد قبا جي پيش امام مولوي اڪرام الله کي نامعلوم ماڻهن فائرنگ ڪري زخمي ڪري ڇڏيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب32

لاڙڪاڻي کي صوبو بڻائي اسان کي حڪمراني جو خواب ڏيکاريو ويو: ناصر محمود سومرو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻ ناصر محمود سومري انڪشاف ڪيو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

بلوچستان ۾ مڙس جي فائرنگ، زال ۽ ٽن ٻارن سميت 4 ڄڻا قتل

زال نسرين، پنجن ورهين جي پٽ ضمير ۽ ٽن مهينن جي جاڙين ڌيئرن نفيسه ۽ عليزه کي قتل ڪري ڇڏيو

واردات کانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويو، جنهن جي گرفتاريءَ لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن

سبي (م د) بلوچستان جي ضلعي ڪڇيءَ ۾ هڪ شخص مبينا طور فائرنگ ڪري پنهنجي زال ۽ ٽن ٻارن کي قتل ڪري ڇڏيو. پوليس موج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

شهر ۾ انفلوئنزا جي علامتن سان اسپتال ايندڙ مريضن جو انگ وڌڻ لڳو

آغا خان اسپتال ۾ هلندڙ سال انفلوئنزا جا 400 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن ماهرن خدشو ظاهر ڪيو

ڪراچي ۾ انفلوئنزا جو ايڇ ون اين ون (H1N1) وائرس شهرين کي متاثر ڪري رهيو آهي

وائرس ۾ وقت سان گڏ تبديليون اينديون رهنديون آهن، جنهن جي نتيجي ۾ نوان قسم سامهون ايندا آهن

ڪراچي (رپورٽر) شهر ۾ انفلوئنزا جي علامتن سان اسپتال ايندڙ مريضن جي تعداد ۾ واڌ ٿيڻ لڳي آهي. جڏهن ته آغا خان اسپتال ۾ هلندڙ سال انفلوئنزا جا 400 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن ماهرن خدشو ظاهر ڪيو آهي ته سال جي پڇاڙي ٽائين مريضن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

بدين: الخدمت فائونڊيشن جي "ميگا شجرڪاري مهم 2026ع" جو آغاز

ايف اي ايس پاٽ هاءِ اسڪول ۾ شجرڪاري تقريب، سنڌ ڀر ۾ لکين وڻ پوکڻ جو هدف مقرر

ايف اي ايس پاٽ هاءِ اسڪول جي پرنسپال محمد علي بليدي سميت الخدمت جي رضاڪارن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ٻوٽا ڪٽي شجرڪاري مهم جي ڪاميابيءَ لاءِ دعا گهري ۽ ٻوٽا پوکي مهم جو باقاعده آغاز ڪيو

بدين (رجب راهمون) الخدمت فائونڊيشن ضلعي بدين پاران "ڪلين اينڊ گرين پاڪستان" مهم تحت الخدمت ميگا شجرڪاري مهم 2026ع جي شروعات ضلعي بدين کان ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، حڪومت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

پروفيسر محمد حسن پيٽي جو ننڍو ڀاءُ ماستر عبدالقادر عرف دانا پيٽي ڪجھ عرصو بيمار رهڻ بعد وفات ڪري ويو

سجاول (رپورٽ:امتياز ميمڻ) پيٽي برادري سنڌ جو اڳواڻ پروفيسر محمد حسن پيٽي جو ننڍو ڀاءُ ماستر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

پيرسن ڳوٺاڻي فيض محمد مستوئي پنهنجي ڀاڻيجي محمد عمر مستوئي سان گڏجي احتجاج

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ شهدادڪوٽ جي ڳوٺ نبي شاهه جي رهواسي پيرسن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسبِ اعليٰ سنڌ، ميرپورخاص جي کليل ڪچهري، 10 درخواستون وصول، 6 ڪيسن جي ٻڌڻي

جنهن ۾ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر ميرپورخاص سيد امداد علي شاهه شهرين جون شڪايتون ٻڌيون

اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسرون افضل چانڊيو ۽ عرفان پڻ ان موقعي تي موجود هئا

اينڊ ڊڪيائين، تعليم کاتي جي ملازمن کي پينشن ۽ رهڻن جي وقت سر ادائيگي نہ ٿيڻ ۽ پگهارن سان لاڳاپيل مسئلا شامل هئا

ميرپور خاص (بيوروچيف سومارسميجو) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسبِ اعليٰ سنڌ، ميرپورخاص جي کليل ڪچهري، 10 درخواستون وصول، 6 ڪيسن جي ٻڌڻي صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس تعلقي ڏوڪري جو اجلاس

شهاب الدين جتوئي، فياض ڀان غلام شبير جتوئي عبداللطيف ڏيرو، ارشاد علي سونارو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

صحافي معاشري ۾ موجود ظلم، ڏاڍ ۽ جبر خلاف سگهارو آواز آهن، جنهن کي خاموش ڪرائڻ لاءِ جتن ڪيا پيا وڃن

ڏوڪري(رپورٽر(لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس تعلقي ڏوڪري جو اجلاس ڏوڪري پريس ڪلب ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ايل يو جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ايمپلائيز جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي ٺٽي ۾ شامل پ ٽ الف، گسٽا، آپڪا، گواز جي اڳواڻن پاران سموري سرڪاري کاتن جي ملازمن سان گڏجي احتجاج

احسان علي ميمڻ، سرور علي جوکيو، خميسو خان شورو، محمد علي شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪري ڏرتو هٽي سخت نعريبازي

جتي ٽريزري کاتي ٺٽي جي عملدارن ٽريزري آفيس جا دروازا بند ڪرائي وڏي تعداد ۾ پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪرائي ڇڏيو

ٽريزري آفيس ۾ رشوت جي بازار گرم آهي، جتي پئسن کانسواءِ ڪو بہ جائز ڪم نٿو ٿئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ايمپلائيز جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي ٺٽي ۾ شامل پ ٽ الف، گسٽا، آپڪا، گواز جي اڳواڻن پاران سموري سرڪاري کاتن جي ملازمن سان گڏ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ آفيسر اڪائونٽس ٽريزري افيسر ٺٽو ۽ لاڳاپيل عملدارن پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام بابت جڙيل ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي سرگرمين جو جائزو وٺڻ لاءِ اڄ هڪ گڏجاڻي

ضلعي ۾ غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام جي سرگرمين کي تيز ڪري سخت نگراني ڪئي وڃي

ممتا پروگرام تحت ڳورهارين ۽ ٻارن کي ٿڃ پيارينڊڙ عورتن کي مالي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

جنهن جو مقصد زندگيءَ جي پهرين 1000 ڏينهن دوران ماءُ ۽ ٻار جي صحت بهتر بڻائڻ آهي

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي هدايتن تي غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام بابت جڙيل ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي سرگرمين جو جائزو وٺڻ لاءِ اڄ هڪ گڏجاڻي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ميڊم ساديہ شڪيل، وڪيل غلام فريد سيال، صحافي نندلال لوهاڻو ۽ ٻين سان گڏجي مختلف ڳوٺن ۾ نياڻين جي هلندڙ تعليم جو جائزو

نياڻين جي تعليم تي خوشي جو اظهار ڪيو هنن سماجي تنظيم پاران ڏنل ڪاروبار جو بہ جائزو ورتو

نياڻين جي تعليم تي مڪمل ڌيان ڏيڻ، انهن کي مڪمل تحفظ ڏيڻ ۽ ڪاروبار کي وڌيڪ فعال ڪرڻ تي هنن پاران آگاهي ڏني وئي

ڳوٺاڻن پاران مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو ان موقعي تي فهيم نوهڙي، ستار جوٽيجو، ميڊم سهائي، ميڊم يسودا پڻ موجود هئا

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) ٿر ۾ نياڻين جي تعليم تي ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم سوشل ڪوآپريشن انيشيٽوجي ڪوآرڊيٽر ميڊم ساديہ شڪيل، وڪيل غلام فريد سيال، صحافي نندلال لوهاڻو ۽ ٻين سان گڏجي مختلف ڳوٺن مالٺهور /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر پاران مٺي ۾ آيوڊين جي کمي کان بچاءَ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

جنهن جو مقصد انسان جي واڌ ويجھ، دماغي ترقي ۽ بيمارين کان بچاءُ ۾ آيوڊين جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو

دماغي واڌ ويجھ ۾ رڪاوٽ، ذهني معذوري ۽ ٻارن جي شروعاتي ترقيءَ ۾ دير بابت عوام ۾ شعور بدار ڪيو وڃي

شرڪت ڪندڙن آيوڊين ملايل لوڻ جي واپرائڻ کي هڪ آسان، سستو ۽ فائديمند طريقو قرار ڏنو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ٿرپارڪر، سنڌ— ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس (DHO) ٿرپارڪر پاران مائيڪرو نيوٽريئنٽ انٽرنيشنل جي سهڪار سان DHOآفيس مٺي ۾ آيوڊين جي کميءَ سبب ٿيندڙ بيمارين کان بچاءُ جي عالمي ڏينهن ()جي موقعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

NUTRITION
Global Iodine Deficiency Disorder Prevention Day
Large Scale Food Fortification Program
Health Department Government of Sindh

اعظم نواز هزاروي جي معطلي خلاف سوين استادن جو ڪمشنر آفيس آڏو ڌرڻو

3 ڏينهن ۾ مطالبا حل ڪرڻ جي خاطري، 4 نومبر تي ڪراچي ۾ احتجاج جي وارننگ

شبنم ناز کي معطل ڪري عهدي تان هٽائڻ ۽ ٻين علائقن مان ميرپورخاص ۾ مقرر ڪيل استادن کي واپس سندن لاڳاپيل علائقن ڏانهن موڪلڻ جو مطالبو ڪيو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) ميرپورخاص سٽي جي صدر اعظم نواز هزاروي جي معطلي خلاف سوين استادن، جن ۾ عورت استادن جو وڏو انگ پڻ شامل هو، ڪمشنر آفيس ميرپورخاص آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو مظاهرين اعظم نواز هزاروي جي معطلي جو حڪم فوري واپس وٺي بحال ڪرڻ، هيڊ مسٽريس شبنم ناز کي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

بنيادي صحت مرڪز ڇيلهار جي بلڊنگ زبون حال ٽٽل اسپتال

ڊاڪٽرن ،مڊ وائف ۽ ڊرائيور جي کوٽ سميت ڪيترن ئي مسئلن جو شڪار، صحت کاتو اگهور ننڊ ستل

ايمبولينس جي هڪ اضافي ڊرائيور سميت سيئي مسئلا حل ڪري علائقي واسين کي علاج لاءِ دربدر ٿيڻ کان بچايو وڃي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) : خبر موجب موجب BHUڇيلهار هن وقت ڪيترن ئي مسئلن جي ور چڙهيل آهي ٻن سرڪاري ڊاڪٽرن جي ريٽائرمنٽ کان پوءِ 10هزار ڪان مٿي او پي ڊي رکندڙ هن اسپتال کي رورل هيلٿ سينٽر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

چاڇرو جي عوام سان هي ظلم بند ڪيو وڃي!

هي تصويرون ڪنهن فلم جون ناهن، پراڄ جي چاڇري جي تلخ حقيقت آهن!

شهرن کان ايندڙ وڏيون بسون مسافرن کي شهر کان لڳ ڀڳ 2 ڪلوميٽر پري ٽنڊل لنڪ روڊ تي لاهي ڇڏين ٿيون

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو)چاڇرو جي عوام سان هي ظلم بند ڪيو وڃي! هي تصويرون ڪنهن فلم جون ناهن، پراڄ جي چاڇري جي تلخ حقيقت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

گهارو شهر جي نئين آبادي ۾ مسجد قباءَ جي پيش امام تي فائرنگ ۾ قتل

مسجد قباءَ جي پيش امام مولوي عبدالاڪرام تي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو

مولوي عبدالاڪرام فجر جي نماز ادا ڪرائڻ کانپوءِ گهر وڃي رهيو هو تہ نامعلوم جوابدارن مٿس فائرنگ ڪئي

گهارو) رپورٽ عبداللطيف (گهارو شهر جي نئين آبادي ۾ مسجد قباءَ جي پيش امام تي فائرنگ ۾ قتل گهارو ۾ نئين آبادي ويجهو مسجد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ڳوٺ سليمان سومرو جي رهواسين پاران نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس

اسان 2023 کان ڊي او ايجوڪيشن ، تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر کي درخواستون ڏئي رهيا آهيون

پرايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي بالا آفيسرن ڏنل درخواستن تي ڪا بہ نظرثاني نہ ڪئي

بدين (رجب راهمون) ڳوٺ سليمان سومرو جي رهواسين پاران نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس تفصيل . بدين جي قديمي ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

جوهي تعلقي اندر زرعي پاڻي جي هٿرادو کوٽ

سوين آبادگارن 44 ريگيوليٽر ۽ چينجاڻي شاخ جي سوين آبادگارن پاران جوهي پان روڊ چنجاڻي شاخ تي الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي تعلقي اندر زرعي پاڻي جي هٿرادو کوٽ, بااثر پوتارن توڙي سندن سهولتڪار ڪاتيدارن پاران پاڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

پورهيت خاندان ڪورٽ معرفت آزاد ٿيڻ بعد بااثر بنا مالڪن جي زيادتين خلاف ميرپورخاص پهتو

آن موقعي تي پرتاب ڪولهي، مروان ڪولهي صحافين اڳيان احتجاج

اسان ڪلوئي ۾ نياز ٻجير جي سرن جي ٻنيءَ تي ڪم ڪندا هئاسين جتي مزدوري جا پيسا نہ ملڻ سبب ٻچا ٻکون ڪاٽڻ تي مجبور هئا

ميرپورخاص) بيوروچيف سومارسميجو(سرن جي ٻني تي ڪم ڪندڙ پورهيت خاندان ڪورٽ معرفت آزاد ٿيڻ بعد بااثر بنا مالڪن جي زيادتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

سعيد غني پاران امجد حسين ايڊووڪيٽ ۽ گورنر مهدي شاهه جي مان ۾ آجياڻي جو اهتمام ڪيو ويو

پيپلز ليبر بيورو سنڌ جي صدر حبيب الدين جنيدي، سمورن ٽائونن جي چيئرمينن ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت

صوبائي وزير سعيد غني ۽ چنيسر ٽائون جي چيئرمين فرحان غني آيل سمورن مهمانن جي آجيان ڪئي

ڪراچي)رپورٽ منصور چانڊيو (صوبائي وزير سعيد غني پاران گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ ۽ گورنر مهدي شاهه جي مان ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

مڪلي جي وي ڪيئر هائوس ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي حوالي سان تقريب

ضلعي انتظاميا پاران وي ڪيئر هائوس مڪلي ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن جو مقصد والاريل ڄمون ۽ ڪشمير جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ هو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو(مڪلي جي وي ڪيئر هائوس ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي حوالي سان تقريب، ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

گهارو ۾ مسجد قباءَ جي پيش امام مولوي عبدالاڪرام نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل علائقي ۾ ڏهڪاءُ

فائرنگ ۾ مسجد قباءَ جو پيش امام مولوي عبدالاڪرام سخت زخمي ٿيڻ بعد فوت ٿي ويو

جنهن واقعي سبب علائقي ۾ خوف ۽ ڏک جي لهر پکڙجي وئي آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو(گهارو ۾ مسجد قباءَ جي پيش امام مولوي عبدالاڪرام نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل، علائقي ۾ ڏهڪاءُ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ميونسپل ڪارپوريشن جي صفائي واري عملي کي هڪ مهيني جي موڪل نہ ملڻ تي ميونسپل ورڪرز يونين جو احتجاج

ميونسپل ورڪرز يونين CBAپاران ميونسپل ڪمشنر جي فيصلي تي اعتراض وارينڊي قانون واضح ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

يونين جي جنرل سيڪريٽري سيد عابد علي موجب، جڏهن هو موڪل جي منظوري لاءِ ميونسپل ڪمشنر انيس الرحمان سيال وٽ پهتو

ميرپورخاص) بيورو رپورٽ(ميونسپل ڪارپوريشن جي صفائي واري عملي کي هڪ مهيني جي موڪل نہ ملڻ تي ميونسپل ورڪرز يونين ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

بگهاڙ موري لڳ ڳوٺ حاجي ناٿو ميمڻ جي رهواسڻ انيلا ملاح پنهنجي مڙس زاهد ملاح سان گڏ احتجاج

هڪ سال اڳ اسان پنهنجي رضا خوشي سان شادي ڪئي هئي جنهن کانپوءِ سندس مائٽن سندن زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي

مسلسل ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيا آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) بگهاڙ موري لڳ ڳوٺ حاجي ناٿو ميمڻ جي رهواسڻ انيلا ملاح پنهنجي مڙس زاهد ملاح سان گڏ احتجاج ڪندي الزام هنيو ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

اي او بي آئي وارو ادارو 1976ع ۾ قائم ٿيو هو. هي ادارو مزدورن جي فنڊن سان هلايو ويندو آهي: محبوب علي قريشي

سڄي ڪنٽريبيوشن جي رقم محنت ڪش جي پگهار مان 1 سيڪڙو ۽ مالڪن کان 5 سيڪڙو هر ماهه وصول ڪئي ويندي آهي

جيڪا 15 سالن جي ملازمت ۽ 60 سالن جي عمر مڪمل ڪندڙ محنت ڪش کي پينشن جي صورت ۾ ڏني ويندي آهي

گذريل 2 سالن کان مزدورن کي اولڊ ايج پينشن 11,500/_ رپيا ملي رهي آهي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) اي او بي آئي وارو ادارو 1976ع ۾ قائم ٿيو هو. هي ادارو مزدورن جي فنڊن سان هلايو ويندو آهي، جنهن ۾ پاڪستان حڪومت جو هڪ رپيو بہ شامل ناهي هوندو. سڄي ڪنٽريبيوشن جي رقم محنت ڪش جي پگهار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

حيدرآباد: فيلڊ اسٽور جي ملازم جهانگير يونس جي تقريب الوداعي جو ڏيک

دادو پرسان پراسرار بيماري جو قهر، معصوم ڀاءُ ڀيڻ فوت، ٽين ڀيڻ اسپتال داخل، 10 کان وڌيڪ ٻار بيماري ۾ مبتلا

ڳوٺ غلام حيدر ٻرڙو ۾ ٻارن ۾ پراسرار بيماري پکڙجڻ سبب ڳڻتي، تيز بخار کانپوءِ 12 ڪلاڪن اندر فوتگين جون دانهون

صحت کاتو ۽ ضلعي انتظاميا نوٽيس وٺي طبي ٽيمون موڪلين: متاثر ڳوٺاڻا

متاثر ٻارن کي فوري طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن، جيئن وڌيڪ معصوم ٻارن جون حياتيون بچائي سگهجن

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو پرسان يوسي سيال جي ڳوٺ غلام حيدر ٻرڙو ۾ معصوم ٻارن ۾ پراسرار بيماري پکڙجڻ سبب 6 ورهين جي منسا بتول ۽ سندس 12 ورهين جو ڀاءُ عبدالرحمان پٽ شمن ٻرڙو فوت ٿي ويا، جڏهن تہ سندن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب23

دادو جي غريب آباد جي رهواسي پوليس اهلڪار سينگار علي لاشاري پنهنجي نافرمان پٽ خلاف احتجاج

سندس پٽ گهر ۾ جهيڙا ڪري ٿو، گهر ڀاتين سان مارڪٽ ڪري ٿو ۽ پنهنجن ڀائرن سان بہ وڙهي ٿو

سندس پٽ گهر ۾ جهيڙا ڪري ٿو، گهر ڀاتين سان مارڪٽ ڪري ٿو ۽ پنهنجن ڀائرن سان بہ وڙهي ٿو

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو جي غريب آباد جي رهواسي پوليس اهلڪار سينگار علي لاشاري پنهنجي نافرمان پٽ سرفراز لاشاري جي نامناسب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

چيئرمين ڊڙي ٽائون شاهه رخ انور سيال جي هدايتن تي ٽائون جي عملي مختلف پارڪن جي بهتري ۽ خوبصورتيءَ لاءِ ڪم تيز

ٽائون جي عملي پارڪن ۾ صفائي سترائي، گرين بيلنس جي بحالي، وڻڪاري ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

اهڙن ڪوششن جو مقصد شهرين کي صاف سٿرو، سرسبز ۽ خوشگوار تفريحي ماحول فراهم ڪرڻ آهي

قدم شهر جي ماحول کي بهتر بڻائڻ ۽ عوام کي تفريحي سهولتون فراهم ڪرڻ ڏانهن هڪ ساراهہ جوڳو عمل آهن

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ جي اڳوڻي صوبائي گهرو وزير ايم پي اي سهيل انور سيال جي پاءُ جي چيئرمين ڊڙي ٽائون شاهه رخ انور سيال جي هدايتن تي ٽائون جي عملي مختلف پارڪن جي بهتري ۽ خوبصورتيءَ لاءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

سيٺ محمد ميمڻ پاران رئيس حاجي شوڪت علي ملڪاڻي ۽ رئيس شفقت علي ملڪاڻي جي مان ۾ شاندار آجياڻو

هردلعزيز شخصيت رئيس حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي ۽ رئيس شفقت علي خان ملڪاڻي جي مان ۾ هڪ شاندار آجياڻي ۽ ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو

علائقي جي معزز سياسي، سماجي شخصيتن، رائيس مل مالڪن، واپارين، زميندارن، صحافي برادري ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت

رائيس مل مالڪن، واپارين، زميندارن، صحافي برادري ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني)رائيس مل ايسوسيئيشن صدر سيٺ محمد ميمڻ پاران رئيس حاجي شوڪت علي ملڪاڻي ۽ رئيس شفقت علي ملڪاڻي جي مان ۾ شاندار آجياڻو سياسي سماجي شخصيتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

دادو شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد بلاول ڪالوني، دڙو روڊ جي رهواسڻ پيرسن امڙ حميده زال وزير ڳوپانگ جو احتجاج

منهنجي پٽ جو دماغي توازن ٺيڪ نہ هو سندس پٽ کي گم ٿئي 5 سال گذري چڪا آهن، پوليس وٽ چڪر ڪاٽڻ باوجود اڃا تائين سندس ڪو بہ پتو پئجي نہ سگهيو آهي

پوليس اختيارين ڪيس هيل تائين ڪو بہ مثبت جواب ناهن ڏئي سگهيون، پيرسن ماءُ حميده آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارين اختيارين کان پُرزور اپيل

معاملي جو فوري نوٽيس وٺي سندن گم ٿيل پٽ کي ڳولي سندن پريشاني ختم ڪئي وڃي ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

دادو (ڊ-ر) دادو شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد بلاول ڪالوني، دڙو روڊ جي رهواسڻ پيرسن امڙ حميده زال وزير ڳوپانگ پاران پنهنجي گم ٿيل پٽ جي 5 سال گذري وڃڻ باوجود ڳولا نہ ٿيڻ تي اختيارين کان مدد جي اپيل ڪئي وئي آهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

روهڙي پرسان سي پيڪ روڊ تي ايل پي جي بائوزر ٽرالر ۾ زوردار ڌماڪو، 2 ڄڻا فوت، 7 زخمي

ڌماڪي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس، ماڻهن ۾ ڀاڄ، فوتين جا لاش ۽ زخمين کي ايمبولينس ذريعي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٽرالر ۽ ٽرڪ وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ کانپوءِ زوردار ڌماڪو جنهن نتيجي ۾ بائوزر ٽرالر کي باهہ وڪوڙي وئي ڌماڪي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن ايل پي جي گئس سان ڀريل بائوزر ٽرالر جي ٽرڪ سان ٽڪر ٿي پيو جنهن کانپوءِ زوردار ڌماڪو ٿيو

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي پرسان سي پيڪ روڊ تي ايل پي جي بائوزر ٽرالر ۾ زوردار ڌماڪو، 2 ڄڻا فوت، 7 زخمي، ڌماڪي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس، ماڻهن ۾ ڀاڄ، فوتين جا لاش ۽ زخمين کي ايمبولينس ذريعي اسپتال منتقل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

45ورهين جي مسمات عظميٰ زال طارق جاويد راجپوت گهر اندر پکي ۾ ڦاهو ڪائي مبينا طور آپگهات ڪري ڇڏيو

روهڙي(رپورٽر) روهڙي جي علائقي لوڪوشيڊ 56 لائين ۾ 45 ورهين جي مسمات عظميٰ زال طارق جاويد راجپوت گهر اندر پکي ۾ ڦاهو کائي مبينا طور آپگهات ڪري ڇڏيو جنهن کي وارثن ڳڻتي جوڳي حالت ۾ تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وارثن موجب فوتي عورت جو ذهني توازن درست نہ هو ۽ هوءَ ٻن ٻارن جي ماءُ هئي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سيد ڪميل حيدر شاهه جو روهڙي پرسان ايل پي جي بائوزر ڌماڪي واري واقعي جي هنڌ جو دورو

ايل پي جي بائوزر ڌماڪي جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي دلي افسوس آهي : ڪميل حيدر شاهه

ضرورت پوڻ تي ڪين خانگي اسپتال يا ايئر ايمبولينس ذريعي ڪنهن ٻئي شهر منتقل ڪيو ويندو

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه، ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ۽ ايس ايس پي سکر احمد چوڌري سان گڏ روهڙي پرسان ايل پي جي بائوزر ڌماڪي واري واقعي جي هنڌ جو دورو ڪيو ان موقعي تي سيد ڪميل حيدر شاهه چيو تہ ايل پي جي بائوزر ڌماڪي جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي دلي اف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

قلجي ٽائون ڪاميٽي پاران ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي

ريلي ۾ شريڪ مظاهرين پاران "پاڪستان زنده آباد" ۽ "ڪشمير بڻجندو پاڪستان" جا نعرا هنيا ويا

مظاهرين ڀارتي اختيارين پاران ڪشميرين تي مبينا تشدد ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي مذمت ڪئي

قلجي اسٽيشن (رپورٽر) قلجي اسٽيشن ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ٽائون ڪاميٽي قلجي اسٽيشن پاران ريلي ڪڍي وئي، جيڪا ٽائون آفيس کان شروع ٿي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي حيدر چوڪ تي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
خميس 29 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 17 جمادي الاول 1448ھ

توانائيءَ جي اگهن ۾ واڌ ۽ عوام تي وڌندڙ معاشي بار

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي وڌندڙ طوفان، تيل جي اگهن ۾ غيريقيني صورتحال ۽ بجليءَ جي بلن ۾ اضافي چارجز عوام جي زندگيءَ کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. هڪ پاسي عالمي واپار ۽ معيشت تي دٻاءُ، علائقائي ڇڪتاڻ ۽ تيل جي اگهن ۾ واڌ جا خدشا موجود آهن ته ٻئي پاسي ملڪ جو عام ماڻهو پنهنجي محدود آمدنيءَ مان گهر جو خرچ هلائڻ لاءِ پريشان آهي. حڪومت طرفان اهو چوڻ ته ايندڙ ٻن ٽن مهينن دوران تيل جي اگهن ۾ واڌ جي رفتار بابت اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي، موجوده صورتحال جي سنگينيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. پر عوام لاءِ اصل سوال اهو آهي ته جيڪڏهن عالمي حالتون خراب ٿين ٿيون ۽ تيل جا اگهه وڌيڪ وڌن ٿا ته ان جا اثر برداشت ڪرڻ لاءِ حڪومت وٽ ڪهڙي جامع رٿابندي موجود آهي؟ ڇا عوام کي رڳو عالمي حالتن جو حوالو ڏئي حالتن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو ويندو يا حڪومت پنهنجي ذميواري محسوس ڪندي ڪين حقيقي رليف فراهم ڪندي؟

جا اگهه رڳو پيٽرول پمپن تائين محدود مسئلو ناهن، پر انهن جو سڌو سنئون تعلق ملڪ جي سموري معاشي سرگرميءَ سان آهي. پيٽرول ۽ ڊيزل مهانگا ٿيڻ سان ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌن ٿا، زرعي پيداوار ۽ شين جي پهچائڻ جو خرچ وڌي ٿو. جنهن جو بار آخرڪار عام صارف تي پوي ٿو. ڪاڌي پيتي جي شين کان وٺي روزمره جي ضرورتن تائين هر شيءِ جي قيمت ۾ واڌ جو هڪ اهم سبب توانائيءَ جي وڌندڙ قيمت پڻ آهي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن مزدور جي اجرت، هاريءَ جي آمدني، ننڍن ملازمن جي پگهارن ۽ پورهيت طبقي جي ڪمائيءَ ۾ مهانگائيءَ جي تناسب سان واڌ نٿي ٿئي، تڏهن عام ماڻهوءَ جي خريداريءَ جي سگهه مسلسل گهٽجندي وڃي ٿي. گهٽ آمدنيءَ وارا خاندان پنهنجي ضرورتن ۾ ڪٽوتي ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا، ٻارن جي تعليم، علاج ۽ خوراڪ جهڙيون بنيادي ضرورتون به سندن لاءِ ڏکيون بڻجي وڃن ٿيون. ان ڪري تيل جي اگهن بابت پاليسي ٺاهيندي حڪومت کي رڳو عالمي منڊيءَ جي صورتحال نه، پر ان جي مقامي معيشت ۽ عوام جي زندگيءَ تي پوندڙ اثرن کي به بنياد بڻائڻ گهرجي. وفاقي وزير احسن اقبال جو اهو موقف ته حڪومت ڪا به غيرذميوارانه واڪ ڪٿڻ نٿي چاهي، اصولي طور مناسب آهي، پر ذميواريءَ جو تقاضو رڳو احتياط ڪرڻ نه، پر بروقت ۽ عوام دوست فيصلا ڪرڻ پڻ آهي. عالمي حالتون حڪومت جي وس ۾ نه هونديون آهن، پر انهن حالتن جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ متبادل پاليسيون جوڙڻ، توانائيءَ جي استعمال ۾ بچت، غيرضروري خرچن ۾ گهٽتائي ۽ ڪمزور طبقن لاءِ رليف جا اثرائتا قدم کڻڻ حڪومت جي اختيار ۾ ضرور آهي. تيل جي اگهن ۾ ممڪن واڌ کي نظر ۾ رکندي اڳواٽ هنگامي معاشي رٿابندي ڪرڻ گهرجي، جيئن هر ڀيري عالمي منڊيءَ ۾ بحران پيدا ٿيڻ تي ملڪ اندر مهانگائيءَ جو نئون طوفان نه اچي. سفارتي ڪوششن ذريعي خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ توانائيءَ جي فراهميءَ کي مستحڪم ڪرڻ جون ڪوششون پڻ اهم آهن، پر انهن ڪوششن سان گڏ اندروني معاشي انتظام کي بهتر بڻائڻ لازمي آهي. سفارتڪاريءَ جا نتيجا اچڻ تائين عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ حڪومت جي ذميواري آهي.

ٻئي طرف بجليءَ جي بلن جو مسئلو پڻ عوام لاءِ هڪ وڏو معاشي عذاب بڻيل آهي. وفاقي وزير اويس لغاريءَ جو اهو اعتراف ته 200 کان وڌيڪ يونٽ استعمال ڪندڙ صارفين تي ڇهن مهينن تائين اضافي چارجز لاڳو ٿيڻ واري مسئلي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي، ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته موجوده بجليءَ جي بلنگ واري نظام ۾ اهڙيون پيچيدگيون موجود آهن، جيڪي عام صارفين لاءِ مالي مشڪلاتون پيدا ڪن ٿيون. جيڪڏهن ڪو غريب خاندان ڪنهن مهيني 200 يونٽ بجلي استعمال ڪري ٿو ۽ ايندڙ مهيني ڪنهن مجبوريءَ سبب سندس استعمال وڌي 201 يونٽ تي وڃي ٿو ته ان بنياد تي کيس وڌيڪ سليب ۾ شامل ڪري ڇڏڻ ڪيتري قدر مناسب آهي؟ هڪ يونٽ جي اضافي استعمال تي جيڪڏهن في يونٽ اگهه ۾ وڏو فرق اچي وڃي ۽ ان جو اثر ايندڙ ڪيترن ئي مهينن تائين برقرار رهي ته اها رعايتن ۽ بلنگ جي اهڙي جوڙجڪ آهي، جنهن تي سنجيدگيءَ سان نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. بجليءَ جو بل ڪنهن خاندان جي آمدنيءَ ۽ حقيقي استعمال مطابق هجڻ گهرجي، نه ڪي اهڙي سزا بڻجي وڃي، جنهن جي ڪري ماڻهو قرض کڻڻ يا گهر جون ٻيون ضرورتون گهٽائڻ تي مجبور ٿي پوي.

بجليءَ جي 200 يونٽن واري حد وڌائي 250 يونٽن تائين ڪرڻ تي غور هڪ مثبت قدم ٿي سگهي ٿو، پر ان بابت واضح پاليسي ۽ عملي فيصلو ڪرڻ ضروري آهي. رڳو غور ڪرڻ يا مسئلو حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائڻ سان عوام جي تڪليف ختم نٿي ٿئي. حڪومت کي ٻڌائڻ گهرجي ته نئين پاليسي ڪڏهن کان لاڳو ٿيندي، ڪهڙن صارفين کي فائدو ملندو ۽ اضافي چارجز مد ۾ پوندڙ مالي بار کي ڪيئن ختم ڪيو ويندو. جيڪڏهن ڪنهن صارف جو استعمال عارضي طور وڌي وڃي ٿو ته کيس ڇهن مهينن تائين وڌيڪ اگهه ادا ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ بدران بلنگ جي اهڙي منصفاڻي طريقيڪار تيار ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ هڪ يا ٻن يونٽن جي اضافي استعمال سبب صارف جي سڄي مالي صورتحال متاثر نه ٿئي. بجليءَ جي اگهن ۽ سليب جي نظام ۾ شفافيت، آسان بلنگ ۽ صارفين جي شڪايتن جي ترت ازالي لاءِ اثرائتو انتظام پڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

حڪومت جو اهو موقف به غور طلب آهي ته 200 يونٽن کان گهٽ بجلي استعمال ڪندڙ صارفين جو انگ ڪروڙن تائين پهچي ويو آهي، پر انهن سڀني کي رعايت ڏيڻ مناسب ناهي، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ شمسي توانائي استعمال ڪندڙ ماڻهو پڻ شامل آهن. يقيناً رعايتن جو مقصد انهن خاندانن کي فائدو پهچائڻ هجڻ گهرجي، جيڪي واقعي معاشي طور ڪمزور آهن. پر شمسي توانائيءَ جي استعمال کي ڪنهن صارف جي خوشحاليءَ جو قطعي معيار نٿو بڻائي سگهجي. ڪنهن گهر ۾ شمسي پينل لڳل هجڻ جا مختلف سبب ٿي سگهن ٿا؛ ڪنهن خاندان بجليءَ جي وڌندڙ بلن کان بچڻ لاءِ قرض کڻي اهو نظام لڳايو هجي، جڏهن ته ڪنهن ٻئي وٽ وڌيڪ وسيلا هجن. ان ڪري رليف جي اهليت جو تعين رڳو بجليءَ جي يونٽن جي انگ يا شمسي نظام جي موجودگيءَ جي بنياد تي نه، پر آمدني، گهرجي معاشي حالت ۽ حقيقي ضرورتن کي سامهون رکي ڪرڻ گهرجي. غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ خاندانن کي رعايت ڏيڻ هڪ درست مقصد آهي، پر ان لاءِ شفاف ۽ منصفاڻو معيار مقرر ڪرڻ به اوترو ئي ضروري آهي.

جماعت اسلاميءَ جي وفد جي وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ۽ ٻنهي ڌرين جي ٽن ٽن ميمبرن تي ٻڌل گڏيل ڪميٽي قائم ڪرڻ جو فيصلو به موجوده صورتحال ۾ اهميت رکي ٿو. سياسي اختلافن باوجود عوامي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ۽ گڏيل تجويزون جوڙڻ جمهوري عمل جو حصو آهي. پر انهن ڪميٽين جي ڪاميابيءَ جو دارومدار انهن جي نتيجن ۽ عملي قدمن تي هوندو آهي. جيڪڏهن ڪميٽي صرف سفارشون تيار ڪري ۽ اهي فائلن تائين محدود رهن ته عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪا به تبديلي نه ايندي. حڪومت کي گهرجي ته ڪميٽيءَ جي ڪم لاءِ واضح مدي جو تعين ڪري، ان جي سفارشن کي عوام آڏو آڻي ۽ قابل عمل تجويزن تي ترت عملدرآمد يقيني بڻائي. سياسي جماعتن کي به گهرجي ته عوامي رليف جي معاملي کي سياسي مقابلي بدران گڏيل ذميواري سمجهن ۽ اهڙيون تجويزون پيش ڪن، جيڪي معاشي طور ممڪن ۽ عام ماڻهوءَ لاءِ فائديمند هجن.

ملڪ کي هن وقت اهڙي معاشي پاليسيءَ جي ضرورت آهي، جيڪا هڪ طرف عالمي حالتن جي اثرن کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ۽ ٻئي طرف غريب ۽ وچولي طبقي کي وڌيڪ معاشي دٻاءَ کان بچائي. توانائيءَ جي شعبي ۾ ٿيندڙ نقصان، بجليءَ جي وڃ ۽ بلنگ جي خامين، غيرضروري سرڪاري خرچن ۽ وسيلن جي غيرمنصفاڻي ورڇ جو جائزو وٺڻ کان سواءِ رڳو صارفين تي وڌيڪ بار وجهڻ پائيدار حل نٿو ٿي سگهي. بجليءَ جي چوري ۽ لائين لاسز کي گهٽائڻ، وصولين جو نظام بهتر ڪرڻ ۽ توانائيءَ جي متبادل ذريعن کي هٿي ڏيڻ سان گڏ اهڙيون رعايتون متعارف ڪرائڻ گهرجن، جيڪي واقعي ضرورت مند ماڻهن تائين پهچن. ساڳئي وقت حڪومت کي معاشي فيصلن بابت عوام کي واضح معلومات ڏيڻ گهرجي ته جيئن غيريقيني صورتحال ۾ افواهن ۽ خدشن بدران اعتماد ۽ شفافيت کي هٿي ملي.

حقيقت اها آهي ته ڪنهن به حڪومت جي ڪاميابيءَ جو اندازو رڳو معاشي انگن اکرن يا بيانن سان نٿو لڳائي سگهجي، پر ان ڳالهه سان لڳايو ويندو آهي ته عام شهريءَ جي زندگي ڪيتري آسان ٿي آهي. تيل جي اگهن ۾ واڌ کي روڪڻ لاءِ سفارتي ڪوششون، بجليءَ جي بلن ۾ اضافي چارجز ختم ڪرڻ جون تياريون ۽ غريب صارفين کي رليف ڏيڻ جا اعلان تڏهن ئي اهميت رکندا، جڏهن اهي عملي شڪل اختيار ڪندا. حڪومت کي گهرجي ته عالمي بحرانن جو بار مڪمل طور عوام تي منتقل ڪرڻ بدران پنهنجي وسيلن، پاليسين ۽ انتظامي صلاحيتن کي استعمال ڪندي عوام لاءِ تحفظ جو بندوبست ڪري. مهانگائيءَ جي هن دور ۾ عام ماڻهوءَ کي وڌيڪ واعدن جي نه، پر اهڙن فيصلن جي ضرورت آهي، جيڪي سندس گهرجي بجيٽ، ٻارن جي تعليم، علاج ۽ روزاني زندگيءَ کي حقيقي سهارو ڏئي سگهن. عوامي رليف ڪا سياسي مهرباني نه، پر حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي؛ ۽ اها ذميواري جيتري دير سان پوري ٿيندي، معاشي بيچيني ۽ حڪومتي پاليسين بابت بي اعتمادي اوترو ئي وڌندي ويندي.

خيبرپختونخوا جي وزارتِ اعليٰ تي سياسي ڇڪتاڻ، پي ٽي آءِ ڪهڙو فيصلو ڪندي؟

غلام مصطفيٰ جمالي

ڪڏهن ڪڏهن سياسي جماعتن لاءِ سڀ کان وڏو امتحان مخالفن سان مقابلو ڪرڻ نه، پر پنهنجي صفن ۾ مختلف راءِ کي گڏ ڪٽي هلڻ هوندو آهي. خيبرپختونخوا ۾ نئين وڏي وزير جي چونڊ بابت پاڪستان تحريڪ انصاف اندر جاري سرگرميون به اهڙي ئي صورتحال ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. هڪ طرف علي امين گنڊاپور کي ٻيهر وڏو وزير بڻائڻ لاءِ 30 کان وڌيڪ اسيمبلي ميمبرن جي حمايت جون خبرون سامهون آيون آهن، ته ٻئي طرف پارٽي جا ڪجهه اڳواڻ بونير يا هزارا علائقي مان ڪنهن شخص کي وڏي وزير بڻائڻ جا خواهشمند ٻڌايا وڃن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ اهم سوال اهو آهي ته پارٽي قيادت ڪهڙي بنياد تي فيصلو ڪندي ۽ مختلف راءِ رکندڙ اڳواڻن کي هڪ گڏيل حڪمت عمليءَ تي ڪيئن آندو ويندو؟

وزارتِ اعليٰ رڳو هڪ عهدو ناهي، پر لکين ماڻهن جي اميدن ۽ خواهشن سان جڙيل ذميواري آهي. خيبرپختونخوا جا ماڻهو روزگار، تعليم، صحت، مهانگائي ۽ امن امان جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. اهڙين حالتن ۾ وڏي وزير جي چونڊ بابت سياسي سرگرميون پنهنجي جاءِ تي اهم آهن، پر عوام اهو به ڏسڻ چاهي ٿو ته سندن مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم ڪڏهن کنيا ويندا. سياسي جماعتن لاءِ ضروري آهي ته قيادت جي چونڊ سان گڏ عوام سان ڪيل واعدن کي به نظر ۾ رکن.

علي امين گنڊاپور کي ٻيهر وڏي وزير بڻائڻ جي خواهشمند اسيمبلي ميمبرن جي حمايت هن معاملي جو اهم پاسو آهي. جيڪڏهن واقعي 30 کان وڌيڪ ميمبر ان راءِ جا حامي آهن ته پارٽي جي مشاورتي عمل ۾ سندن راءِ کي اهميت ملڻ گهرجي. تنهن هوندي به ڪنهن به اميدوار بابت حتمي فيصلو پارٽي جي طئي ٿيل طريقيڪار ۽ لاڳاپيل قيادت جي مشاورت سان ٿيڻ گهرجي. ٻئي طرف بونير يا هزارا مان وڏو وزير چونڊڻ جي خواهش رکندڙ اڳواڻن جو موقف به ٻڌڻ ضروري آهي، جيئن مختلف خيالن کي اختلاف بدران مشاورت جو حصو بڻائي سگهجي.

پاڪستان تحريڪ انصاف لاءِ اصل چئلينج اهو آهي ته وڏي وزير جي چونڊ کي اندروني اختلافن جو سبب بڻجڻ کان ڪيئن روڪيو وڃي. سياسي جماعتن ۾ مختلف گروپ ۽ الڳ الڳ راءِ هجڻ ڪا غير معمولي ڳالهه ناهي، پر انهن اختلافن کي حل ڪرڻ لاءِ واضح حڪمت عملي ضروري هوندي آهي. جيڪڏهن هر گروپ پنهنجي پسند جي اميدوار لاءِ سرگرم رهي ۽ گڏيل فيصلي ڏانهن اڳڀرائي نه ٿئي ته سياسي بحث ڊگهو ٿي سگهي ٿو. ان جي ابتڙ، مشاورت ۽ هڪ ٻئي جي راءِ جي احترام سان اهڙو رستو ڪڍي سگهجي ٿو، جنهن کي پارٽي جا مختلف حلقا قبول ڪري سگهن.

هن معاملي ۾ پي ٽي آءِ جي باني سان مشاورت جو پاسو به اهم ڄاڻايو پيو وڃي. خبرن موجب، جيڪڏهن باني سان مشاورت ڪانسواءِ نئين وڏي وزير جي چونڊ ڪئي وئي ته اهو فيصلو عارضي نوعيت اختيار ڪري سگهي ٿو. بهرحال، حتمي صورتحال جو دارومدار پارٽي جي باضابطه فيصلي ۽ لاڳاپيل آئيني توڙي پارلياماني طريقيڪار تي هوندو. سياسي معاملن ۾ اندازن بدران تصديق ٿيل معلومات جي بنياد تي راءِ قائم ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته شروعاتي خبرون ۽ حتمي فيصلا هميشه هڪجهڙا ناهن هوندا.

هتي هڪ بنيادي سوال اهو به آهي ته نئين وڏي وزير جي چونڊ دوران اميدوار جي سياسي حمايت سان گڏ سندس انتظامي ترجيحن کي ڪيتري اهميت ڏني ويندي. صوبي کي اهڙي قيادت جي ضرورت آهي، جيڪا ترقياتي منصوبن جي نگراني ڪري، سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائي ۽ عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ اثرائتا قدم کڻي. وڏي وزير جي عهدي جي اصل ذميواري ڪنهن هڪ سياسي گروپ کي خوش ڪرڻ نه، پر سڄي صوبي جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ آهي.

خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن کي نمائندگي ڏيڻ به اهم آهي. بونير هجي، هزارا هجي يا صوبي جو ڪو ٻيو ضلعو، هر علائقي جي ماڻهن کي هڪجهڙي ترقي ۽ بنيادي سهولتن جي ضرورت آهي. تنهن هوندي به وڏي وزير جي چونڊ جو معيار رڳو علائقائي تعلق نه هجڻ گهرجي. اصل ڌيان ان ڳالهه تي هجڻ گهرجي ته چونڊيل اڳواڻ صوبي جي سمورن علائقن کي گڏ کڻي هلڻ، انتظامي معاملا سنڀالڻ ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڪيترو واضح منصوبو رکي ٿو.

سياسي قيادت کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته اقتدار سان لاڳاپيل اندروني معاملا عوامي اميدن کان الڳ ناهن. جڏهن ڪنهن صوبي ۾ وزارتِ اعليٰ لاءِ مختلف گروپ سرگرم ٿين ٿا ته عوام جون نظرون ان ڳالهه تي هونديون آهن ته سندن چونڊيل قيادت ڪهڙي طريقي سان فيصلو ڪري ٿي. شفاف مشاورت، واضح طريقيڪار ۽ وقت سر فيصلا سياسي اعتماد کي مضبوط ڪري سگهن ٿا. ان جي ابتڙ، غير ضروري دير سبب حڪومتي ترجيحن تي اثر پوڻ جو خدشو پيدا ٿي سگهي ٿو.

في الحال علي امين گنڊاپور جي حمايت، ٻين علائقن مان اميدوار آڻڻ جي خواهش ۽ پي ٽي آءِ جي باني سان مشاورت بابت سامهون آيل تفصيلن کي خبرن جي تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. جيستائين پارٽي طرفان باضابطه فيصلو سامهون نٿو اچي، تيستائين ڪنهن هڪ نالي کي حتمي اميدوار قرار ڏيڻ مناسب نه ٿيندو. ايندڙ ڏينهن ۾ پارٽي جي مشاورت ۽ سياسي اڳڀرائي سان صورتحال وڌيڪ واضح ٿي سگهي ٿي.

خيبرپختونخوا جي نئين وڏي وزير جي چونڊ پاڪستان تحريڪ انصاف لاءِ هڪ اهم سياسي ۽ تنظيمي فيصلو آهي، پر ان فيصلي جي اصل ڪاميابي تڏهن سامهون ايندي، جڏهن صوبائي حڪومت عوامي مسئلن جي حل لاءِ واضح ۽ عملي قدم کڻندي. سياسي حمايت ۽ قيادت سان مشاورت پنهنجي جاءِ تي، پر عوام لاءِ روزگار، امن، تعليم، صحت ۽ ترقيءَ جا موقعا وڌيڪ اهم آهن. تنهن ڪري ضروري آهي ته وڏي وزير جي چونڊ ۾ سياسي اتفاق راءِ سان گڏ صوبي جي ضرورتن کي به مرڪزي اهميت ڏني وڃي، جيئن اقتدار جي تبديلي رڳو سياسي خبر بڻجي نه رهي، پر عوامي خدمت جي هڪ نئين مرحلي جي شروعات ثابت ٿئي.

ڇا ايران جي پاڪستان ڏانهن LPG برآمد تي پابندي آهي؟

اعجاز ممنائي

ٻن ڏينهن کان ميڊيا تي خبرون اچي رهيون آهن ته ايران، پاڪستان لاءِ سرحد بند ڪرڻ ۽ مائع پيٽروليم گئس (ايل پي جي) سميت ٻين شين جي برآمدات محدود ڪري ڇڏي آهي جنهن جي ايران سختيءَ سان ترديد ڪري ڇڏي آهي. پورٽ قاسم تي مائع پيٽروليم گئس جي درآمد جو سلسلو مسلسل جاري آهي ۽ هن هفتي LPG کڻي ايندڙ ٽيون جهاز به پورٽ قاسم تي لنگرانداز ٿي ويو آهي. LPG کڻي ايندڙ جهاز 'بيلو استون' بحرين کان 4 هزار ميٽرڪ ٽن گئس کڻي پورٽ قاسم پهتو آهي، جتان گئس جي منتقلي جو عمل شروع ڪيو ويو آهي. ـ ان کان اڳ هن هفتي دوران ٻه ٻيا جهاز 7 هزار ٽن کان وڌيڪ پيٽروليم گئس کڻي پورٽ قاسم پهچي چڪا آهن.

ٻئي پاسي ايران سان سرحدي معاملن ۽ اجازت ملڻ ڪانپوءِ زميني رستي سان به LPG جي درآمد ۾ تيزي اچڻ جو امڪان آهي. سرحدي بارڊر کان ڪليئرنس ملڻ ڪانپوءِ ايران کان 100 کان وڌيڪ باؤزرن ذريعي ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران 2 هزار ٽن کان وڌيڪ پيٽروليم گئس ڪراچي پهچڻ جي اميد آهي. LPG جي درآمد ۾ هن مسلسل واڌ جي نتيجي ۾ عام صارفين ۽ واپاري شعبي جي توانائي جون ضرورتون پوريون ٿيڻ سان گڏ ملڪ ڀر ۾ LPG جي في ڪلو قيمتن ۾ نمايان گهٽتائي متوقع آهي، جيڪا عوام لاءِ هڪ وڏي راحت واري خبر آهي. پورٽ قاسم اٿارٽي موجب اهي سمورا قدم گهريلو ۽ واپاري سطح تي گئس جي بي رڪاوٽ فراهمي کي يقيني بڻائڻ ۽ مارڪيٽ ۾ رسد ۽ طلب جي توازن کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

پاڪستان ۾ مقرر ايراني سفير رضا اميري مقدم آچر 25 آڪٽوبر 2026 تي سوشل ميڊيا پليٽ فارم X تي تفصيلي بيان جاري ڪيو. سفير واضح چيو ته "ايران پاران پاڪستان ڏانهن LPG سميت ڪنهن به ايراني سامان جي برآمد تي ڪا به پابندي ناهي. ايران جون پنهنجي سمورن پاڙيسري ملڪن سان سرحدون کليل آهن" هن چيو ته موجوده حالتن ۾ خاص طور تي برادر ملڪ پاڪستان سان سرحد بند ڪرڻ نه ته منطقي هوندو ۽ نه ئي اهو ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي. سندس مطابق واپار ۾ رڪاوٽ جو سبب ايران نه پر پاڪستان جي درآمدي طريقيڪار ۾ تبديلي آهي.

"پاڪستان ۾ ايران کان درآمدات لاءِ اي_فارم جي طريقيڪار تي عمل ۾ تبديلين اهڙي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي جو واپاري عملي طور ايران کان پاڪستان سامان موڪلڻ کان قاصر آهن. "يعني نئون E_FORM سسٽم لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ دستاويزن جي ڪليئرنس جو عمل پيچيده ٿي ويو، جنهن ڪري ايراني واپاري ڪارگو موڪلڻ ۾ ناڪام رهيا. هن معاملي تي ٻنهي ملڪن وچ ۾ صلاح مشورا جاري آهن بيان ۾ اهم انڪشاف ڪيو ويو ته LPG"سان ڀريل ڪيترائي سو ٽرڪ ايران پاران رمدان سرحد پار ڪري پاڪستان جي علائقي گبد ۾ داخل ٿي چڪا آهن. پر ڪيترائي هفتا گذرڻ باوجود انهن ٽرڪن مان سامان نه لاٿو ويو آهي ۽ نه ئي انهن کي ڪليئرنس ملي سگهي آهي"

انگريزي ميڊيا رپورٽن موجب به سوين LPG ٽرڪ گبد وٽ هفتن کان بيٺا آهن ۽ ان لوڊ نه ٿي سگهيا آهن. جنهن سان ٻه طرفي واپار جو تسلسل متاثر ٿي رهيو آهي. ايران چيو ته سندس سمورن پاڙيسري ملڪن سان سرحدون کليل آهن. جڏهن ته پاڪستاني ميڊيا موجب گبد_رمدان بارڊر (گيٽ 250) جيڪو 17 آڪٽوبر کان هڪ هفتي لاءِ بند هو، ان کي 24 آڪٽوبر تي ٻيهر کوليو ويو آهي ته جيئن سياري کان اڳ LPG جي بحران تي ضابطو آڻي سگهجي. ايران ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سرحد پار واپار ٻنهي ملڪن جي اعليٰ ترين سطح تي طئي ٿيل معاهدن جو اهم حصو آهي ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام جي گڏيل مفاد ۾ آهي. ايران کان LPG جي سپلائي رڪجڻ ڪانپوءِ پاڪستان ۾ قيمتن ۾ سخت واڌ ڏٺي وئي اترين علائقن ۾ قيمت 600 رپيا في ڪلو تائين پهچي وئي گهريلو سلينڊر (11.8 ڪلو) 7200 رپين تائين وڪرو ٿيو پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ 500 رپيا في ڪلو تائين ريٽ رپورٽ ٿيا جيڪي اوگرا جي مقرر ڪيل قيمت کان تمام گهڻو وڌيڪ هئا. هاڻي عمان کان 2 جهاز ۽ ايران کان بارڊر کلڻ ڪانپوءِ قيمتن ۾ گهٽتائي جي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 01

جديد ڪاري، صحت جي سهولتن ۾ بهتري ۽ سرڪاري خدمتن کي موثر بڻائڻ جي لاءِ جاري قدمن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته ڊيجيٽائيزيشن، مصنوعي ذهانت ۽ جديد ٽيڪنالاجي جو موثر استعمال پاڪستان ۾ واپار، برآمدات، زرعي پيداوار، ڪاروباري سهولت ۽ سرڪاري خدمتن جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. هن جو چوڻ هو ته ملڪي ترقي جو راز مصنوعي ذهانت ۽ ڊيجيٽائيزيشن جي موثر استعمال ۾ آهي. وزيراعظم چيو ته ملڪي ترقي جي لاءِ زرعي شعبي کي جديد طريقي سان سنوارڻ ضروري آهي. هن علي بابا طرفان پاڪستاني زرعي جنسن کي چيني منڊين ۾ متعارف ڪرائڻ ۽ انهي جي برآمدات ۾ معاونت کي خوشي جوڳو قرار ڏنو هن زرعي شعبي ۾ آٽوميشن کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ به تعاون جاري رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو وزيراعظم لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته علي بابا جي تعاون سان ڪينسر جي اڳواٽ سڃاڻپ جي نظام کي جلد يقيني بنايو وڃي ته جيئن جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو کڻندي بيماري جي وقت تي سڃاڻپ ۾ مدد ملي سگهي. هن انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وزارت طرفان جاري پروگرام اگنائيٽ ۽ علي بابا جي پائيداري سان آئي ٽي گريجوئيٽس جي لا مصنوعي ذهانت جي شعبي ۾ 15 ڏينهن جو تربيتي پروگرام جلد شروع ڪرڻ جي به هدايت ڪئي. انهي قدم جو مقصد نوجوان آئي ٽي ماهرن جي صلاحيتن ۾ اضافو ۽ انهي کي جديد ٽيڪنالاجي جي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ آهي. وزيراعظم آئل اينڊ گيس ريگوليٽري اٿارٽي (اوگرا) کي علي بابا جي تعاون سان پيٽروليم شين جي سپلائي چين جي نگراني لاءِ ڊيٽا اينالٽڪس جو نظام جلد متعارف ڪرائڻ جي هدايت به ڪئي. انهي نظام سان سپلائي چين جي نگراني ۽ لاڳاپيل ڄاڻ جي تجزيي ۾ مدد ملڻ جو امڪان آهي. هن ايڪسپورٽ پروموشن بورڊ کي به هدايت ڪئي ته ملڪي برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ علي بابا سان گڏجي موثر تعاون يقيني بنايو وڃي، ته جيئن پاڪستاني مصنوعات کي عالمي منڊين تائين پهچ ڏيڻ جا موقعا وڌائي سگهجن. وزيراعظم ٻڌايو ته منهنجي چين جي دوري دوران هانگزو ۾ علي بابا جي هيڊ ڪوارٽرز ۾ ڪمپني سان مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون هيون. اجلاس ۾ انهي تعاون جي تحت مختلف شعبن ۾ اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو ۽ لاڳاپيل قدمن کي جلد عملي شڪل ڏيڻ تي به زور ڏنو ويو حڪومت طرفان اهڙن قدمن کي پاڪستان ۾ ڊيجيٽل معيشت کي هٿي، برآمدات ۾ اضافي، نوجوانن کي جديد مهارتن جي ترقي ۽ سرڪاري، ڪاروباري نظام ۾ ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ڏيڻ جي ڪوششن جو حصو قرار ڏنو پيو وڃي.

بقايا *** 02

فوج جي ساک واري شعبي آءِ ايس پي آر موجب، فورسز ضلعي ڪيچ ۾ ڪارروائي ڪئي، جتي فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڀارت جي پنيرائيءَ سان سرگرم 7 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته سيڪيورٽي فورسز ضلعي ڪيچ ۾ دهشتگردن جي نڪاٽي کي به تباهه ڪري ڇڏيو آءِ ايس پي آر موجب، ضلعي وڌ ۾ به فورسز ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران ڀارت جي پنيرائيءَ سان سرگرم 2 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته بلوچستان ۾ ڪارروايون دوران هٿيار ۽ بارود به هٿ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته صوبي ۾ ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ علائقن کي چنڊڇاڻ ذريعي محفوظ بڻائڻ جون ڪارروايون جاري آهن.

بقايا *** 03

ي ڪمپنين لاءِ پنهنجي هوائي حد مڪمل طور بند ڪري ڇڏي آهي. بچاءَ واري وفاقي وزير خواجا آصف پرڏيهي خبرو اداري سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته پاڪستان جو هوابازي وارو شعبو 'هڪ چين واري پاليسي' تي عمل ڪري رهيو آهي، جنهن تحت رڳو چين جي مکيه زميني حصي سان لاڳاپيل هوائي ڪمپنين کي پاڪستان جي مٿان اڏامڻ جي اجازت آهي. پروازن جي اچ وڃ تي نظر رکندڙ اداري 'فلائيٽ ريڊار 24' جي انگن اکرن موجب، تائيوان جي ٻن مشهور هوائي ڪمپنين 'چائنا ايئرلائنز لميٽيڊ' ۽ 'ايوا ايئرويز ڪارپوريشن' گذريل هفتي جي پڇاڙيءَ کان پنهنجا اڏامڻ وارا رستا بدلائڻ شروع ڪيا. ٻنهي ڪمپنين 25 آڪٽوبر جي صبح کان پاڪستان جي هوائي حد استعمال ڪرڻ مڪمل طور بند ڪري ڇڏي. آچر کان پوءِ ايشيا ۽ يورپ وچ ۾ انهن ڪمپنين جون گهٽ ۾ گهٽ 12 اڏامون روس جي مٿان گذريون آهن. بلومبرگ موجب، چائنا ايئرلائنز ۽ ايوا ايئر هن معاملي تي تبصرو ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. جڏهن ته تائيوان جي پرڏيهي معاملن واري وزارت جو به ترت ڪو ردعمل سامهون نه آيو آهي.

بقايا *** 04

جوابدار ڪانئس وڌيڪ 70 لک رپين جو مطالبو ڪري رهيا هئا ايف آءِ اي عملدارن جو چوڻ آهي ته ايران مان بازياب ٿيندڙ مغوي ياسر علي بيان ۾ ٻڌايو آهي ته اغوا ۾ ملوث ٻئي جوابدار افغان شهري آهن ايف آءِ اي موجب جوابدارن جا گهر ڀاتي پشاور ۾ رهائش پذير آهن. جوابدارن جي گهر ڀاتين ذريعي ياسر علي کي بازياب ڪرايو ويو ايف آءِ اي عملدارن ٻڌايو آهي ته اغواڪارن جي گرفتاري لاءِ جاچ جو دائرو وسيع ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 05

سهڪار سان پاڪستان جا 10 ڪاروباري ادارا ايندڙ ٽن سالن دوران صاف توانائي، زراعت، ڪچري جي ري سائيڪلنگ، ماحول دوست تعمير ۽ برقي ٽرانسپورٽ سميت مختلف شعبن ۾ مجموعي طور 12 ڪروڙ ڊالر جي سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ جا منصوبا رکن ٿا. ڪراچي ۾ 27 ۽ 28 آڪٽوبر تي منعقد ٿيل ٻن ڏينهن واري ڪلائيميٽ فنانس ايڪسيليٽر پاڪستان انويسٽر روڊ شو دوران انهن ڪاروباري ادارن پنهنجا منصوبا امڪاني سيڙپڪارن، بئنڪن ۽ ترقياتي ماليات ادارن آڏو پيش ڪيا. رپورٽ موجب، انهن ڏهن ادارن مان ڪجهه ايندڙ 12 مهينن دوران مجموعي طور 5 ڪروڙ 10 لک ڊالر جي سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهن. جڏهن ته انهن جي ايندڙ ٽن سالن جي منصوبن جي مجموعي ماليت 12 ڪروڙ ڊالر آهي. برطانوي حڪومت جي مالي سهڪار سان هلندڙ ڪلائيميٽ فنانس ايڪسيليٽر پاڪستان پروگرام تحت ڪاروباري ادارن کي فني، مالي ۽ سماجي شموليت بابت صلاحون فراهم ڪيون ويون. جيئن اهي

بقايا *** 06

تفصيل موجب، پاڪستان پيٽرول پمپ اونرز ايسوسيئيشن جي نمائندن سيڪريٽري ۽ اسپيشل سيڪريٽري پيٽروليم سان ملاقات دوران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ روزاني تبديلي واري نظام تي پنهنجا تحفظات پيش ڪيا. پيٽرول پمپ مالڪن جو موقف هو ته قيمتن ۾ روزاني ردوبدل سان ڪاروباري استحڪام متاثر ٿي رهيو آهي ۽ ڪاروبار هلائڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. هنن مطالبو ڪيو ته قيمتن ۾ تبديلي لاءِ اڳ کان رائج 15 ڏينهن وارو طريقو ٻيهر لاڳو ڪيو وڃي. ملاقات دوران پيٽروليم عملدارن ايسوسيئيشن جي نمائندن جا مسئلا ٻڌا ۽ ڪين جلد حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. عملدارن پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ روزاني تبديلي بدران ٻيهر 15 ڏينهن جي بنياد تي تعين واري مطالبي تي به هاڪاري اڳڀرائي جي خاطري ڪرائي. واضح رهي ته پاڪستان ۾ هلندڙ سال فيبروري تائين پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ردوبدل هر 15 ڏينهن بعد ڪيو ويندو هو. تنهن هوندي به ايران بابت ڇڪتاڻ سبب عالمي تيل مارڪيٽ ۾ پيدا ٿيل بحران کان پوءِ حڪومت قيمتن ۾ تبديلي جو طريقو پهريان هفتيوار ۽ پوءِ روزاني بنياد تي ڪري ڇڏيو هو. عملدارن پاران ڏنل خاطري باوجود 15 ڏينهن واري نظام جي بحالي جي حتمي لاڳوءَ تاريخ بابت وڌيڪ سرڪاري اعلان سامهون اچڻ باقي آهي.

بقايا *** 07

يشن ٽيڪنالاجي سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار جاري آهي ترجمان موجب سينيٽر اعظم نذير تارڙ انهن خيالن جو اظهار پاڪستان ۾ آذربائيجان جي سفير عرفان دادوف ۽ سندس وفد سان ملاقات دوران ڪيو وفاقي وزير آذربائيجان جي سفير کي پاڪستان ۾ سفارتي ذميواريون سنڀالڻ تي ڀليڪار چيو ۽ آذربائيجان جي وزير انصاف سان ديرينه برادرانه دوستاڻي لاڳاپن جو اظهار ڪيو ملاقات دوران پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ قانوني شعبي ۾ باهمي سهڪار، اداراجاتي رابطن جي واڌاري ۽ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وفاقي وزير ٻڌايو ته گذريل هڪ سال دوران پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ ٽن تربيتي ورڪشاپس جو انعقاد ڪيو ويو جيڪو قانوني شعبي ۾ ٻنهي ملڪن جي سهڪار جي عڪاسي آهي هن موقعي تي آذربائيجان جي سفير عرفان دادوف ڪاراباخ جي معاملي تي پاڪستان جي مسلسل حمايت تي حڪومت پاڪستان جو شڪريو ادا ڪيو ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ قانوني ۽ اداراجاتي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

بقايا *** 08

کي هراسان ڪرڻ ۽ سندن مذاق اڏائڻ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي. وڊيو ۾ ڪار ۾ سوار ماڻهن کي هٿيار ڏيکاري رستي تان ويندڙ شهرين کي ڊيڄاريندي ۽ سندن مذاق اڏائيندي ڏسي سگهجي ٿو. سنڌ جي گهرو وزير واقعي جو نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي سائوٿ کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. گهرو وزير وڊيو جي صداقت ۽ واقعي جي حقيقتن بابت مڪمل جاچ ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن.

بقايا *** 09

واپار جي شروعات مثبت رجحان سان ٿي، جنهن دوران 100 انڊيڪس 223 پوائنٽن وڌي هڪ لک 64 هزار 600 پوائنٽن جي سطح تي پهچي ويو واضح رهي ته گذريل ڏينهن ڪاروبار جي پڇاڙيءَ تي 100 انڊيڪس 1428 پوائنٽن جي واڌ سان هڪ لک 64 هزار 467 پوائنٽن تي بند ٿيو هو.

بقايا *** 10

سميت 2 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا. حادثي ۾ زخمي ٿيلن کي طبي امداد لاءِ ويجهن اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو پوليس واقعي وارن هنڌن تي پهچي حادثن جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 11

رفان موجب جناح اسپتال ۾ روزانو نزلي ۽ زڪام جا 70 کان 80 مريض رپورٽ ٿي رهيا آهن. جڏهن ته ان کان اڳ روزانو 40 کان 50 مريض اسپتال ايندا هئا. ٻئي طرف سول اسپتال ۾ پڻ روزانو نزلي ۽ زڪام جا 30 کان 40 مريض اچي رهيا آهن. جڏهن ته اڳ انهن مريضن جو انگ روزانو 15 کان 20 هوندو هو طبي ماهرن موجب ٻارن، بزرگن ۽ ايچ آءِ وي ۾ مبتلا مريضن کي نزلي ۽ زڪام سبب وڌيڪ خطرو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته موسم جي تبديلي نزلي ۽ زڪام جي ڪيسن ۾ واڌ جو هڪ اهم سبب آهي. طبي ماهرن شهرين کي فلو جي ويڪسين لڳرائڻ جي صلاح ڏيندي چيو آهي ته فلو جي ويڪسين سرڪاري سطح تي دستياب ناهي. شهرين کي گهرجي ته رش وارن هنڌن تي ماسڪ استعمال ڪن ته جيئن بيمارين جي پکڙجڻ کان بچي سگهجي.

بقايا *** 12

ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر جمهوريه چيڪ جي قومي ڏينهن جي موقعي تي صدر پيٽر پاول جي نالي پنهنجي خط ۾ چيو ته ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گڏيل احترام، دوستي ۽ ويجهي تعاون تي ٻڌل آهن. صدر آصف علي زرداري ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ۽ جمهوريه چيڪ دوستاڻي لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيندي مختلف شعبن ۾ گڏيل مفاد جي لاءِ تعاون جون نيون راهون ڳوليندا رهندا.

بقايا *** 13

اپيل تي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. رپورٽن موجب منشيات جي روڪٿام واري عدالت ڪيس جو رڪارڊ پيش نه ڪرڻ تي ايس ايچ او تي ڏنڊ لاڳو ڪيو هو لاهور هاءِ ڪورٽ سزا 50 هزار رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جي عيوض ايندڙ ٻڌڻي تائين معطل ڪري ڇڏي. عدالت اپيل تي ٽرائل ڪورٽ جو رڪارڊ پڻ طلب ڪري ورتو. عدالت چيو ته ڪيس جي رڪارڊ جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 14

ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهيءَ ۾ اليڪشن ڪميشن جي پنج رڪني بئنچ مڪاني چونڊن بابت محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو اليڪشن ڪميشن خيبرپختونخوا ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي لاڳاپيل ونگ کي چونڊن جو شيڊيول پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. حڪم نامي موجب، جن ضلعن ۾ تڪبنديون مڪمل ٿي چڪيون آهن، اتي مڪاني چونڊون ڪرايون وينديون. جڏهن ته جن ضلعن ۾ اڃا تڪبنديون نه ٿيون آهن، اتي تڪبندين جو شيڊيول جاري ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. اليڪشن ڪميشن جي حڪم نامي موجب، خيبرپختونخوا جي 12 قبائلي ضلعن ۾ في الحال تڪبنديون ۽ مڪاني چونڊون نه ڪرايون وينديون.

بقايا *** 15

جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن پشاور جي دهشتگردي ڌڙ عدالت ۾ ڪيس جي ٻيهر ٻڌڻي ٿي، جيڪا جج ولي محمد ڪئي. ٻڌڻي دوران سرڪاري وڪيل عدالت ۾ پوليس چالان پيش ڪيو. جنهن ڪانپوءِ عدالت اڳوڻي وڏي وزير سهيل آفريدي، ڪامران بنگش، تيمور سليم جهڳڙا، عرفان سليم ۽ عامر چمڪني جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا.

بقايا *** 16

رخواست تي ٻڌڻي ڪندي نتيجا هڪ ڀيرو ٻيهر روڪي ڇڏيا آهن عدالت ايندڙ ٻڌڻي تائين موجوده صورتحال برقرار رکڻ جي هدايت ڪندي حڪم ڏنو ته معاملي تي وڌيڪ ٻڌڻي ٿيڻ تائين صورتحال جيئن جو تيئن برقرار رکي وڃي.

بقايا *** 17

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج (اي ڊي اينڊ ايس جي) رفاقت علي گوندل پاڻ کي الڳ ڪري ڇڏيو ۽ وڌيڪ ڪارروائيءَ لاءِ معاملو لاهور هاءِ ڪورٽ ڏانهن موڪلي ڇڏيو ان کان اڳ جوابدار جي وڪيل صفدر شاهين پيرزادي عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي ته سندس موڪل کي ذاتي طور عدالت ۾ پيش ٿيڻ کان ڇوٽ ڏني وڃي. وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار جي عبوري ضمانت 27 آڪٽوبر تي ختم ٿي وئي هئي، پر هو هڪ ٻئي ڪيس ۾ گرفتار ٿيڻ سبب عدالت ۾ پيش نه ٿي سگهيو. هن چيو ته احمد ٻئي ڪيس جي سلسلي ۾ 14 ڏينهن واري سڃاڻپ پريڊ لاءِ جيل ۾ آهي. وڪيل عدالت کان درخواست ڪئي ته درخواستگذار ۽ جوابدار کي هڪ ٻڌڻيءَ تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ کان ڇوٽ ڏني وڃي. بهرحال، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج رفعت علي گوندل معاملي جي ٻڌڻي ڪرڻ کان لاچاري ظاهر ڪئي. جج وڪيل کي ٻڌايو ته هن معاملي بابت هڪ ريفرنس تيار ڪري وڌيڪ ڪارروائيءَ لاءِ هاءِ ڪورٽ ڏانهن موڪلي ڇڏيو آهي. ٻئي پاسي، پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز گذريل هفتي هن ڪيس جو نالو وٺڻ کان سواءِ الزام هنيو هو ته زيادتيءَ جي هڪ تازي ڪيس ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته جوابدار جي امير گهراڻي مبينا طور متاثر عورت کي سندس الزام واپس وٺڻ جي عيوض وڏي رقم ڏيڻ جي آڇ ڪئي، جيتوڻيڪ عورت جو بيان اڳ ئي قلم 164 تحت رڪارڊ ڪيو ويو هو. هن وڌيڪ چيو ته "اهو الزام پڻ لڳايو ويو ته جوابدار کي ضمانت ڏيندڙ جج کي به رشوت ڏني وئي هئي." ڊفينس سي سيڪشن پوليس آذربائيجاني عورت جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو هو. عورت ٽن ڄڻن تي مٿس اجتماعي زيادتي ڪرڻ جو الزام لڳايو هو. هن ڏوهه ۾ مدد ڪرڻ جي الزام هيٺ ٻن عورتن کي به نامزد ڪيو هو. هاڻي پنج ئي جوابدار، مرد توڙي عورتون، پوليس جي تحويل ۾ آهن. ڪجهه ٽي وي چينلز آذربائيجان جي متاثره عورت جي حوالي سان اها خبر به هلائي هئي ته هو ڪيس جي وڌيڪ پيروي ۾ دلچسپي نٿي رکي ۽ جوابدارن کي معاف ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا *** 18

آهي، پر هاڻي برداشت جي سگهه ختم ٿي رهي آهي ۽ حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون پيون وڃن. جڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف جو لانگ مارچ اسلام آباد ڏانهن اچي رهيو هو ته پي ٽي آءِ جي ساٿين ساڻس رابطو ڪري چيو ته ان معاملي ۾ سندس به ڪو ڪردار هئڻ گهرجي. هن چيو ته ٻئي ڏينهن اوهان آيا، ان وقت راڻا ثناءَ الله به موجود هو ۽ ان موضوع تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. رات جو وزيراعظم جي آفيس مان فون آيو ته وزيراعظم کيس مانيءَ تي گهرائڻ چاهي ٿو ۽ هن دعوت قبول ڪئي ۽ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي، جنهن کان پوءِ وزيراعظم چيو ته لانگ مارچ ختم ڪيو وڃي. مولانا فضل الرحمان چيو ته رات ساڍي ڏهين وڳي اسحاق ڊار جو فون آيو ته ڪابينا ان ڳالهه تي راضي ناهي، اسان معاملي کي صحيح نموني حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اتي گورنر راڄ به لاڳو ڪيو ويو ۽ هنگامي حالت به لاڳو ڪئي وئي. حڪومت جو چوڻ آهي ته هن آئيني طريقيڪار پورو ڪيو آهي. جي يو آءِ سربراهه چيو ته حڪومت آئين جو غلط استعمال ڪيو ۽ طاقت جي زور تي اقتدار جي منتقليءَ جو عمل آندو ويو اوهان آرٽيڪل 2_اي کي نظرانداز ڪيو ۽ غيرسياسي قدم کنيو. ڇا بلوچستان ۾ حالتون ان کان وڌيڪ خراب ناهن، جتي ڪمشنر به اغوا ٿي وڃن ٿا؟ هن چيو ته ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته خان آف قلات جي پٽ کي به اغوا ڪيو ويو آهي. ڇا وفاق ملڪ ۾ امن امان قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي؟ منهنجي جماعت شهيدن جي جماعت آهي. اوهان مون کي مهڻا ڏيو ٿا ۽ اسان جي قربانين جو مذاق اڏايو ويو آهي. اوهان کي اسان جا شهيد نظر نٿا اچن. مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان ڪٿي بيٺا آهيون ۽ اوهان اسان کي ڪٿي ٿا سمجهو؟ جيڪڏهن اوهان تشدد جو رستو اختيار ڪندا ته اهو رستو فرعون اختيار ڪيو هو. ان موقعي تي قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق چيو ته هو مولانا فضل الرحمان جي تقرير ٻڌندو، پر تقرير ۾ جيڪي غيرپارلياماني لفظ هوندا، تن کي ڪارروائيءَ مان ڪڍي ڇڏيندو اسپيڪر مولانا فضل الرحمان جو هڪ جملو اجلاس جي ڪارروائيءَ مان خارج ڪري ڇڏيو. جي يو آءِ سربراهه چيو ته اسان ڪافي عرصي کان نه وڙهيا آهيون، اسانجي هٿن ۾ وڙهڻ جي خارش ٿي رهي آهي. اچو ته هڪ ميز تي ويهي ئي نئون ميثاق جمهوريت جوڙيون. جنهن ۾ حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻئي شامل هجن. مولانا فضل الرحمان چيو ته پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) جو مقصد هڪ پاسي ۽ ڌر ٻئي پاسي آهي. حڪومتي ميمبرن کي چوڻ چاهيان ٿو ته اهو وقت ياد ڪريو، جڏهن ڏکيا ڏينهن هئا ۽ مولانا فضل الرحمان اڳيان ٻيهي جدوجهد ڪري رهيو هو. اوهان جون ننڊون حرام ڪري اوهان سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. ڇاڪاڻ ته هو رت جي راند کان ملڪ کي بچائڻ چاهي پيو. هن چيو ته ملڪ ۾ نه جمهوريت آهي، نه آئين ۽ قانون جي حڪمراني. هن حڪومت ۽ مخالف ڌر کي هڪ ڀيرو گڏ ويهڻ جي دعوت ڏيندي چيو ته اچو ته نئون ميثاق جمهوريت جوڙيون. اسان ملڪ کي ڪنهن به غيرآئيني قدم ۽ تشدد کان بچائڻ لاءِ تيار آهيون. اسان مرڻ لاءِ تيار آهيون، اوهان جي هٿان مرڻ لاءِ تيار ناهيون. هي ملڪ ڪنهن فوجي يا جنرل جو نه، پر اسان سڀني جو آهي. مولانا فضل الرحمان چيو ته دفاعي ٺاهه بابت ڳالهيون تهران ۾ ٿي رهيون آهن، جڏهن ته بچاءَ وارو وزير خواجا آصف هتي ويٺو آهي، وزيراعظم ۽ بچاءَ وارو وزير هتي موجود آهن. جڏهن ته ڳالهيون تهران ۾ ٿي رهيون آهن. هن طنزيه انداز ۾ چيو ته ڪا لڄ به ٿيندي آهي، ڪو حياءُ به ٿيندو آهي. پنهنجي عزت ۽ وقار جو خيال رکڻ ضروري آهي. خواجا آصف ڏانهن ڏسندي مولانا فضل الرحمان مرڪندي جملو چٽي ڏنو. جنهن تي ايوان ۾ ٽهڪڙا مچي ويا. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اوهان هر قيمت تي اسان کي بدنام ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اسان حڪومت جي هٿان مرڻ پسند ڪنداسين. پر تاريخ جي هٿان مرڻ نه چاهينداسين.

بقايا *** 19

سببن جي بنياد تي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني آهي. واضح رهي ته جسٽس محسن اختر ڪياني جي اسلام آباد مان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 20

باري سهولتن جي قدمن، CCoRR پاران منظور ڪيل انتظامي سڌارن جي عملدرآمد، تجويز ڪيل سنڌ آسان ڪاروبار ائڪٽ، صوبائي ۽ وفاقي ڪاروباري پورٽلز جي ڳنڍڻ ۽ عالمي بئنڪ جي بزنس ريڊي (B_READY) فريم ورڪ تحت پاڪستان جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ جي قدمن جو جائزو ورتو ويو. وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته انتظامي سڌارن جو نتيجو آسان طريقن، تيز منظوري، گهٽ تعميلي خرچن ۽ هڪ شفاف، اڳڪٿي جوڳي سيڙپڪاري واري ماحول جي صورت ۾ ڪاروبار لاءِ واضح فائدن ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي. مراد شاهه چيو ته سنڌ انتظامي جدت، ڊجيٽل گورننس ۽ سيڙپڪارن جي سهولتن لاءِ مڪمل طور تي بدل آهي. ايس بي او ايس ايس (SBOSS)، تجويز ڪيل سنڌ آسان ڪاروبار فريم ورڪ ۽ CCoRR سڌارن جي عملدرآمد ذريعي اسان جو مقصد سنڌ کي ڪاروبار جي آساني، سيڙپڪاري جي ڪشش ۽ خانگي شعبي جي واڌاري لاءِ هڪ معيار (بينچ مارڪ) صوبو بڻائڻ آهي. وزيراعظم جي وفد جي اڳواڻي وزيراعظم جي صنعت ۽ پيداوار واري صلاحڪار هارون اختر خان ڪئي. ان ۾ اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (SIFC) جو ڊائريڪٽر جنرل ميجر جنرل ساجد امين، سيڪريٽري ايس آءِ ايف سي (SIFC) جميل احمد قريشي، پاڪستان انڊسٽريل ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن جو سي اي او رضوان ڀٽي ۽ ٻيا شامل هئا. سنڌ حڪومت جي نمائندگي رٿابندي ۽ ترقي (P&D) واري وزير جام خان شورو، گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، وڏي وزير جو خاص مددگار سيد قاسم، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي (P&D) نجم شاهه، ايس ايم بي آر (SMBR) خالد حيدر شاهه، سيڪريٽري انويسٽمينٽ راجا خرم شهزاد ۽ سنڌ روينيو بورڊ جي چيئرمين ڊاڪٽر واصف، ٻين سان گڏ ڪئي. ايس بي او ايس ايس :(SBOSS) سنڌ جو ڊجيٽل ڪاروباري سهولتي پليٽ فارم: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اجلاس کي سنڌ بزنس ون اسٽاپ شاپ (SBOSS) بابت بريفنگ ڏيندي هڪ ئي ڊجيٽل پليٽ فارم ذريعي ڪاروباري رجسٽريشن، لائسنسنگ ۽ انتظامي منظوري کي آسان بڻائڻ ۾ ان جي ڪردار کي نمايان ڪيو ايس بي او ايس ايس (SBOSS) 19 صوبائي سرڪاري ادارن ۾ لڳ ڀڳ 150 ڪاروباري خدمتن کي آٽوميٽ ڪيو آهي جنهن ۾ اليڪٽرانڪ درخواستون، ادائگيون، تصديقون ۽ سرٽيفڪيشن شامل آهن هن قدم جي ذريعي 16,500 کان وڌيڪ اليڪٽرانڪ پرمٽس جاري ڪرڻ ۽ 800 کان وڌيڪ سرڪاري آفيسرن جي تربيت کي آسان بڻايو ويو آهي. هي پليٽ فارم ان ڪري تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن سرڪاري آفيسن جا ٻيهر چڪر ڪاٽڻ جي ضرورت گهٽجي. دستاويزن جي ٻيٽڀ کي ختم ڪيو وڃي ۽ انتظامي عمل ۾ شفافيت کي بهتر بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ ايس بي او ايس ايس (SBOSS) کي وفاقي پاڪستان بزنس پورٽل سان ڳنڍڻ جو پڻ جائزو ورتو ويو جنهن جو مقصد سيڙپڪارن کي وفاقي ۽ صوبائي خدمتن تائين هڪ وڌيڪ بي عيب (بغير ڪنهن رڪاوٽ جي) ڊجيٽل گيٽ وي فراهم ڪرڻ آهي. ڪميٽي هن پليٽ فارم کي برقرار رکڻ ۽ وڌائڻ، ڪاتن جي پاڻ ۾ رابطي کي مضبوط ڪرڻ ۽ وڌيڪ سرڪاري خدمتن کي آن لائن آڻڻ جي اهميت تي زور ڏنو انتظامي بوجه کي گهٽائڻ لاءِ 58 سڌارا: اجلاس ۾ CCoRR جي پيڪيج_7 تحت منظور ڪيل 58 انتظامي سڌارن جو جائزو ورتو ويو جيڪي مڇي پالڻ ۽ آبي زراعت (فشريز اينڊ اڪواڪلچر)، ۽ ڪير توڙي مشروبات جي شعبن تي ٻڌل آهن هن پيڪيج ۾ مڇي پالڻ ۽ آبي زراعت لاءِ 43 سڌارا ۽ ڪير توڙي مشروبات لاءِ 15 سڌارا شامل آهن. بريفنگ موجب، انهن سڌارن جي نتيجي ۾ مڇي پالڻ ۽ آبي زراعت ۾ پروسيسنگ جي وقت ۾ لڳ ڀڳ 798 ڏينهن ۽ ڪير توڙي مشروبات جي شعبي ۾ 643 ڏينهن جي بچت ٿيڻ جي اميد آهي. تخميني موجب سالياني بنيادن تي بار بار ٿيندڙ تعميلي خرچن جي بچت مڇي پالڻ ۽ آبي زراعت لاءِ 8.97 ارب روپيا ۽ ڪير توڙي مشروبات جي شعبي لاءِ 58.41 ارب روپيا آهي. اهي سڌارا منظوري جي طريقن کي آسان بڻائڻ، دستاويزن جي ٻيٽڀ کي ختم ڪرڻ، غيرضروري معائنن ۽ تجديدن کي گهٽائڻ ۽ انتظامي منظورين جي ڊجيٽل درخواستن توڙي ٽريڪنگ کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. مڇي پالڻ ۽ آبي زراعت ۾، تجويز ڪيل تبديلين ۾ هيچرين جي رجسٽريشن ۽ مڇي مارڻ جي پرمٽن کي آسان بڻائڻ، ٻيڻين ضرورتن کي گهٽائڻ ۽ انتظامي خدمتن تائين ڊجيٽل رسائي کي بهتر بڻائڻ شامل آهن. ڪير توڙي مشروبات لاءِ انهن قدمن ۾ لائسنسنگ جي ضرورتن کي آسان بڻائڻ، غير ضروري پراڊڪٽ رجسٽريشن جي طريقن کي گهٽائڻ ۽ ڪاڌي جي حفاظت جي معيارن کي برقرار رکندي انتظامي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ خطرن تي ٻڌل معائنن کي اختيار ڪرڻ شامل آهي. بريفنگ ۾ وسيع قومي سڌارن جي پروگرام کي پڻ نمايان ڪيو ويو جنهن تحت اٺن پيڪيجن ۾ 581 سڌارن جي منظوري ڏني وئي آهي. جنهن سان سڄي ملڪ ۾ ڪاروبار لاءِ سالياني تعميلي خرچن جي متوقع بچت 1.063 ٽريلين روپين کان وڌيڪ آهي. بي_ريڊي (B_READY) ائڪشن پلان: سنڌ لاءِ 173 اشارا: اجلاس ۾ عالمي بئنڪ جي بي_ريڊي (B_READY) سڌارن جي ايجنڊا تي عملدرآمد ۾ سنڌ جي ڪردار جو جائزو ورتو ويو. جنهن تحت ڪراچي ڪاروباري ماحول جي جائزي لاءِ پاڪستان جي ريفرنس سٽي طور ڪم ڪري ٿي. بريفنگ ۾ سنڌ سان لاڳاپيل 173 صوبائي ۽ گڏيل وفاقي_صوبائي سڌارن جي اشارن جي سڃاڻپ ڪئي وئي. انهن مان 12 تي عملدرآمد ٿيل ٻڌايو ويو. جڏهن ته 161 تي عملدرآمد ٿيڻ باقي هو جنهن ۾ سڌارن جي ٽريڪنگ فريم ورڪ ۾ نون اشارن کي جزوي طور تي عملدرآمد ٿيل پڻ سڃاتو ويو اهي اشارا ڪاروباري جڳهه يوٽيلٽي خدمتن، ليبر، ٽيڪسيشن، تڪرارن جي حل، مارڪيٽ جي مقابلي ۽ ڪاروباري ڏيوالي تي ٻڌل آهن هي ائڪشن پلان انهن سڌارن ۾ فرق ڪري ٿو جيڪي سنڌ آزاداڻي طور تي لاڳو ڪري سگهي ٿي ۽ جيڪي وفاقي حڪومت سان رابطي جي گهرج ڪن ٿا. هي 99 رڳو سنڌ جي سڌارن ۽ 74 گڏيل وفاقي_صوبائي عمل جي گهرج وارن سڌارن جي سڃاڻپ ڪري ٿو اجلاس ان ڳالهه تي زور ڏنو ته انهن قدمن تي وقت سر عملدرآمد انتظامي رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ، سيڙپڪارن جي تجربي کي بهتر بڻائڻ ۽ پاڪستان جي بين الاقوامي مقابلي جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪندو وڏي وزير لاڳاپيل کاتن پاران گڏيل عمل، باقاعدي نگراني ۽ واضح عملدرآمد جي ذميوارين تي زور ڏنو ته جيئن اهي سڌارا ڪاروباري عملن ۾ نمايان بهتري پيدا ڪن. سنڌ آسان ڪاروبار ائڪٽ ۽ انويسٽمينٽ ڪلائيميٽ امپرووومينٽ سيل: وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته تجويز ڪيل سنڌ آسان ڪاروبار ائڪٽ (SAKA) تي انتظامي سڌارن کي ادارتي شڪل ڏيڻ ۽ صوبي جي فريم ورڪ کي وفاقي حڪومت جي آسان ڪاروبار اقدام سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم طور بحث ڪيو ويو قانون جو هي مسودو قانوني کاتي جي جاچ هيٺ هو ۽ اميد هئي ته ان کي غور لاءِ صوبائي ڪابينه جي سامهون پيش ڪيو ويندو اجلاس ۾ تجويز ڪيل انويسٽمينٽ ڪلائيميٽ امپرووومينٽ سيل (ICIC) جو پڻ جائزو ورتو ويو، جنهن جو مقصد انتظامي جدت جي رابطي، اڳڀرائي جي نگراني ۽ صوبائي کاتن ۾ عملدرآمد کي آسان بڻائڻ لاءِ هڪ وقف ٿيل نظام طور ڪم ڪرڻ آهي. هن سيل لاءِ ڀرتين جو عمل انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن (IBA) ڪراچي جي ذريعي جاري هو ۽ اميد هئي ته هي ٽيم ڊسمبر 2026 تائين پنهنجي جڳهه تي موجود هوندي. شريڪن سڌارن جي عملدرآمد کي تيز ڪرڻ ۽ ڪاروبار توڙي سيڙپڪارن کي متاثر ڪندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي اختيارين جي وچ ۾ ادارتي رابطي کي مضبوط ڪرڻ تي پڻ بحث ڪيو. هم آهنگ عملدرآمد: صنعت ۽ پيداوار واري وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر قومي انتظامي سڌارن جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ ويجهي رابطي جي اهميت تي زور ڏنو هن ڪاروباري طريقيڪار کي آسان بڻائڻ، غيرضروري انتظامي رڪاوٽن کي هٽائڻ ۽ سيڙپڪاري جي ماحول کي بهتر ڪرڻ توڙي خانگي شعبي جي واڌاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڊجيٽل پليٽ فارمز کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت کي نمايان ڪيو هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته طئي ٿيل سڌارن جي اثرائتي عملدرآمد، ڪاروباري پورٽلز جي ادغام ۽ انتظامي عملن جي هم آهنگي سان تعميلي خرچن کي گهٽائڻ، ڪارڪردگي کي بهتر ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري لاءِ نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملندي. ڪميٽي قومي بي_ريڊي (B_READY) سڌارن جي پروگرام جو پڻ جائزو ورتو جنهن ۾ وفاقي ۽ صوبائي کاتن پاران عمل جي گهرج ڪندڙ 264 تجويز ڪيل مداخلتون شامل آهن. بريفنگ ۾ گڏيل عمل جي گهرج وارن قدمن سان گڏ، سنڌ جي کاتن پاران عملدرآمد جي گهرج ڪندڙ 99 يا ان کان وڌيڪ سڌارن جي سڃاڻپ ڪئي وئي. سيڙپڪاري جي سهولت ۽ ڪاروباري ماحول: اجلاس انتظامي بهتري کي وڌيڪ سيڙپڪاري، صنعتي ترقي ۽ روزگار جي موقعن ۾ تبديل ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو شريڪن ڪاروباري سهولتن جي نظام کي مضبوط ڪرڻ، سرڪاري خدمتن جي ڊجيٽلائيزيشن کي تيز ڪرڻ ۽ مقامي توڙي غير ملڪي سيڙپڪارن لاءِ هڪ وڌيڪ اڳڪٿي جوڳو انتظامي ماحول قائم ڪرڻ جي ضرورت تي بحث ڪيو وڏي وزير ورجايو ته سنڌ طئي ٿيل سڌارن کي لاڳو ڪرڻ، کاتن جي وچ ۾ رابطي کي بهتر بڻائڻ ۽ ڪاروباري طريقن کي وڌيڪ ڪارائتو بڻائڻ لاءِ وفاقي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن سان گڏجي ڪم ڪندي رهندي. هن زور ڏنو ته خانگي سيڙپڪاري کي اتساهڻ، اقتصادي سرگرمين کي مضبوط ڪرڻ ۽ سڄي صوبي ۾ پائيدار ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ سهولتي انتظامي فريم ورڪ ضروري هو اجلاس جي پڇاڙي ترجيحي سڌارن کي تيز ڪرڻ، ادارتي نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ جي تاڪيد سان ٿيو ته ڊجيٽل گورننس ۽ انتظامي سادگي سنڌ ۾ ڪاروبار توڙي سيڙپڪارن لاءِ عملي فائدا فراهم ڪري.

بقايا *** 21

چيئرمين مخدوم سعيد الزمان خلاف ڪارروائي لاءِ نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) سان رابطو ڪندي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي درخواست ۾ سيف علي شاهه موقف اختيار ڪيو آهي ته سندس خلاف ميڊيا تي لڳايل الزام ڪوڙا، بي بنياد ۽ عزت کي نقصان پهچائيندڙ آهن. جن سان سندس ساک متاثر ٿي آهي هن لاڳاپيل ميڊيا بيانن ۽ ثبوتن جي جاچ ڪري ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جي گذارش ڪئي آهي ٻئي پاسي سيف علي شاهه مخدوم سعيد الزمان کي قانوني نوٽيس به موڪليو آهي. جنهن ۾ الزامن حوالي سان تحريري جواب ۽ ثبوت فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي نوٽيس ۾ الزامن جي وضاحت يا انهن جا ثبوت پيش ڪرڻ لاءِ 14 ڏينهن جي مهلت ڏني وئي آهي.

بقايا *** 22

سٽريٽ اوير جي عدالت جوابدار دانيه بي بي جي گرفتاري جو حڪم واپس وٺي ڇڏيو جوابدار جي وڪيلن حاضري کان ڇوٽ جي درخواست سان گڏ ميڊيڪل رپورٽ جمع ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو ته دانيه شاهه حامله آهي ۽ انهي سبب عدالت ۾ پيش نٿي ٿي سگهي ٻڌڻي دوران ڪيس جي فريادي بشريٰ اقبال جي وڪيل جوابدار جي حاضري کان ڇوٽ واري درخواست جي مخالفت ڪندي ميڊيڪل رپورٽ جي تصديق ڪرائڻ جي گذارش ڪئي بشريٰ اقبال جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته جوابدار ٽڪ ٽاڪ تي وڊيوز ٺاهي رهي آهي ۽ گهمي ڦري رهي آهي، پر عدالت ۾ پيش نه ٿي ٿئي هن الزام لڳايو ته ڪيس ۾ ديروارا حربا استعمال ڪيا پيا وڃن عدالت جوابدار جي گرفتاري جو حڪم واپس وٺندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 11 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 23

شاهه عالمي يوم اينيميشن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته عالمي يوم اينيميشن تخليقي صلاحيتن، جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل فنن کي هٿي ونرائڻ جو اهم موقعو آهي. هن چيو ته اينيميشن فن، ڪهاڻي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو ميلاپ آهي. نوجوانن کي گهرجي ته هو هن شعبي ۾ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪن. وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت جو پيپلز انفارميشن ٽيڪنالاجي پروگرام (پي آءِ ٽي پي) نوجوانن کي جديد ڊجيٽل مهارتن سان ليس ڪري رهيو آهي. اهو پروگرام نوجوانن لاءِ آءِ ٽي جي تربيت ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي رهيو آهي. مراد علي شاهه چيو ته گرافڪ ڊيزائن سميت ڊجيٽل مهارتون نوجوانن کي اينيميشن ۽ تخليقي مواد تيار ڪرڻ جي شعبن ۾ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿيون. سنڌ جا نوجوان تخليقي سوچ ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان ڊجيٽل معيشت ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته سنڌ حڪومت نوجوانن کي ڊجيٽل تعليم تائين پهچ ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. وڏي وزير عالمي يوم اينيميشن تي نوجوانن کي پيغام ڏيندي چيو ته هو پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي جديد ڊجيٽل مهارتن سان جوڙين. اينيميشن ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي شعبن ۾ ترقيءَ لاءِ تعليمي ادارن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ماهرن جو سهڪار پڻ انتهائي اهم آهي.

بقايا *** 24

طا ٿي آهي صادق سنجراڻي کي پاڪستان ڀر مان ماڻهن ۽ خيرخواهن پاران مبارڪباد جا پيغام ڏنا پيا وڃن ورهين جو صادق سنجراڻي مارچ 2018 کان مارچ 2024 تائين چيئرمين سينيٽ جي عهدي تي رهيو هو بلوچستان سان تعلق رکندڙ پهريون سياستدان آهي جنهن ايوان بالا جي سربراهي ڪئي. جڏهن ته 39 سالن جي عمر ۾ ان عهدي تي فائز ٿيندڙ ننڍي عمر وارو چيئرمين به ٿيو چاغي جي علائقي نوڪنڊي سان تعلق رکندڙ صادق سنجراڻي 1998 ۽ 1999 دوران اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي ٽيم جي ڪوآرڊينيٽر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون ان کان علاوه هو 2008 کان 2013 تائين پاڪستان پيپلز پارٽي جي دور حڪومت ۾ وزيراعظم سيڪريٽريٽ ۾ به ڪم ڪندو رهيو آهي.

بقايا *** 25

وعي انگ 100 کان وڌي ويو آهي. اسپتال انتظاميا موجب متاثر عورت ڪراچيءَ جي رهواسي آهي، جنهن کي انتهائي نگهداشت واري وارڊ (آءِ سي يو) ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. عورت کي ٻه ڏينهن اڳ سنڌ انفڪشس ڊزيزز اسپتال نيپا آندو ويو هو. جتي منڪي پاڪس جي تشخيص لاءِ پي سي آر ٽيسٽ جا نمونا ورتا ويا. ٽيسٽ رپورٽ اچڻ کانپوءِ عورت ۾ منڪي پاڪس جي تصديق ٿي. اسپتال انتظاميا موجب عورت جي حالت کي نظر ۾ رکندي کيس آءِ سي يو منتقل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سنڌ انفڪشس ڊزيزز اسپتال نيپا ۾ منڪي پاڪس جا 7 مريض علاج هيٺ آهن. صحت کاتي موجب هلندڙ سال سنڌ ۾ منڪي پاڪس سبب هيل تائين 12 فوتگيون رپورٽ ٿي چڪيون آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪراچي سميت صوبي جي مختلف علائقن ۾ وائرس جا ڪيس سامهون اچي رهيا آهن. صوبي ۾ منڪي پاڪس جي وڌندڙ ڪيسن سبب صورتحال تي نظر رکي پئي وڃي.

بقايا *** 26

ليوي خلاف ۽ عوامي حقن جي حاصلات لاءِ جماعت اسلامي جو اسلام آباد مارچ نومبر جي وچ ۾ ٿيندو ۽ ان کي ڪنهن به صورت ۾ ملتوي نه ڪيو ويندو اداري نور حق ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان پيٽروليم ليوي تي تنقيد ڪئي ۽ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته لانگ مارچ کان اڳ ليوي ختم ڪرڻ لاءِ شفاف ۽ واضح نظام جوڙيو وڃي جماعت اسلامي پنهنجي طئي ٿيل مارچ جي فيصلي کان پوئتي نه هٽندي حافظ نعيم الرحمان دعويٰ ڪئي ته پيٽروليم ليوي جو 70 سيڪڙو کان وڌيڪ بار غريب ۽ وچولي طبقي تي پئجي رهيو آهي، جيڪو هن مد ۾ حڪومت کي 100 ارب رپين کان وڌيڪ ادا ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 27

ڪندا لاهور ۾ سڀ کان وڌيڪ هڪ هزار 4 سئو 98 رجسٽرڊ ووٽر آهن صدارتي سيٽ تي احسن ڀون گروپ مان سيد امجد علي شاهه ۽ حامد خان گروپ مان سردار امان خان سامهون آهن سيڪريٽري جي سيٽ تي محمد عارف نواز ۽ ميان عرفان اڪرم وچ ۾ ون ٽو ون مقابلو ٿيندو ايڊيشنل سيڪريٽري جي سيٽ تي قاضي شهريار اقبال ۽ سائره خالد وچ ۾ سخت مقابلي جو امڪان آهي فنانس سيڪريٽري جي سيٽ تي محمد تنوير چوڌري ۽ راءِ اظهر اقبال ڪرل وچ ۾ مقابلو آهي نائب صدر پنجاب جي سيٽ تي چوڌري ارشد حسين ۽ محمد ياسين ڀٽي وچ ۾ مقابلو ٿيندو ڪي پي مان نائب صدر جي سيٽ تي حضرت سعيد ۽ معين الدين همايون وچ ۾ مقابلو آهي بلوچستان مان نائب صدر جي سيٽ تي عبدالمالڪ بلوچ ۽ محمد ابراهيم وچ ۾ مقابلو ٿيندو سنڌ جي نائب صدر جي سيٽ تي عبدالوهاب بلوچ ۽ جام آصف وچ ۾ مقابلو ٿيندو لاهور جي ووٽرن لاءِ سپريم ڪورٽ لاهور رجسٽري جي بار روم ۾ پولنگ اسٽيشن قائم ٿيندو

بقايا *** 28

سوچ، تخليقي صلاحيتن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ لاءِ عملي سکيا کي اسڪولن جي تعليمي نظام جو حصو بڻائڻ ضروري آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي تعليم کاتي، ريفارم سپورٽ يونٽ ۽ ٽر ايجوڪيشن الائنس پاران اسٽيم پاليسي ڊائلاگ ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ تعليم کاتي جي عملدارن، استادن، شاگردن، تعليمي ماهرن ۽ سائنس جي شعبي سان لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ڊائلاگ ۾ ڳالهائيندي شرڪت ڪندڙن چيو ته رڳو سائنس فيسٽيول ڪرائڻ سان شاگردن ۾ سائنسي شعور کي مستقل طور هٿي نٿي ڏئي سگهجي، ان لاءِ ضروري آهي ته اسڪولن ۾ سڄو سال سائنسي ۽ تخليقي سرگرميون جاري رکيون وڃن. استادن کي تربيت ڏني وڃي. جديد سکيا لاءِ سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ نصاب ۾ عملي تجربن کي شامل ڪيو وڃي. هنن چيو ته 2017ع کان جاري اسٽيم سرگرمين جي تجربي کي نظر ۾ رکندي هاڻي اهڙو نظام جوڙڻ جي ضرورت آهي، جنهن سان شاگردن کي ڪلاس روم ۾ عملي سکيا سان گڏ ضلعي، صوبائي، قومي سطح کان ٿي هاڻ عالمي سطح تي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جا موقعا ملي سگهن. سنڌ جي تعليم واري سيڪريٽري زاهد علي عباسي چيو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي تعليم جي ميدان ۾ وڌيڪ موقعا پيدا ڪري سگهجن ٿا. هن اسلام آباد سائنس فيسٽيول ۾ سنڌ جي شاگردن جي شرڪت ۽ سندن ڪارڪردگي کي ساراهيندي اسٽيم سرگرمين جي واڌاري لاءِ تعليم کاتي پاران سهڪار جي خاطري ڪرائي. هن ٻڌايو ته سنڌ ۾ 8 هزار 500 سائنس استادن جي ڀرتي ڪري اسڪولن ۾ مقرر ڪيو ويندو. سندس چوڻ هو ته نصاب کي جديد دور ۽ صنعت جي ضرورتن سان هم آهنگ ڪرڻ ضروري آهي.

بقايا *** 29

ي صوبائي وزير لاڳاپيل اختيارين کي عوامي مسئلن جي فوري ۽ اثرائتي حل لاءِ وقت سر حڪم جاري ڪيا ۽ ضروري قدم يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي. هن وفدن کي سندن مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن سهڪار جو يقين ڪرائيندي چيو. جام اڪرام الله ڌاريجو ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته سنڌ حڪومت عوامي مسئلن جي حل، شهرين کي پيش ايندڙ مشڪلاتن جي خاتمي ۽ سرڪاري معاملن جي اثرائتي انجام ڏيڻ لاءِ سنجيده عملي قدم جاري رکندي. هن وڌيڪ چيو ته عوام جي شڪايتن جو وقت سر خاتمو ۽ سندن مسئلن جو حل حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي.

بقايا *** 30

ر ٿيندا آهن، سرندي وارا ماڻهو ايئر پيوريفائرز ۽ ٻين حفاظتي قدمن ذريعي پاڻ کي گدلاڻ کان محفوظ رکندا آهن. پاڪستان نيشنل ڪلين ايئر ڪانفرنس 2026ع کي خطاب ڪندي هن چيو ته فضائي گدلاڻ انساني سرگرمين ۽ پاليسي فيصلن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ بحران آهي جنهن جا صحت ۽ معيشت تي اثر غير متناسب طور تي انهن ماڻهن تي پوندا آهن جن وٽ پاڻ کي محفوظ رکڻ جا وسيلا محدود هوندا آهن. وفاقي وزير چيو ته فضائي گدلاڻ سبب ملڪ جي مجموعي قومي پيداوار جو 6.5 سيڪڙو جي برابر معاشي بار برداشت ڪرڻو پوي ٿو جنهن ۾ بيمارين، اسپتالن ۾ علاج ۽ متاثر خاندانن تي پوندڙ مالي دٻاءُ جا خرچ شامل آهن. هن صحت تي فضائي گدلاڻ جي اثرن جو ذڪر ڪندي چيو ته ڦڦڙن جي دائمي بيماري ۾ مبتلا مريضن کي آڪسيجن ۽ دوائن جي ضرورت پوي ٿي جيڪا ان مسئلي جي سنگيني کي ظاهر ڪري ٿي. ڊاڪٽر مصدق ملڪ يونيسيف جي رپورٽ جو حوالو ڏيندي چيو ته فضائي گدلاڻ ٻارن جي ڪندي چيو ته پائيوارن کي مدد جي درخواست کان پوءِ حڪومت پنهنجي محدود وسيلن مان اهو فنڊ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي بورڊ کان منظوري جي تمام جلد اميد آهي. هن تجويز ڪيل فنڊ کي مستقبل جي نسلن لاءِ هڪ ذميواري قرار ڏيندي چيو ته اهو رڳو گرانٽ يا قرض ناهي پر صاف هوا حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومتي عزم جو حصو آهي. حڪومت پرڏيهي پائيواري جي تعاون سان يا ان کان سواءِ به ان مقصد لاءِ قدم جاري رکڻ لاءِ پرعزم آهي. هن فضائي معيار بهتر بڻائڻ ۽ صحت جي تحفظ لاءِ ترقياتي پائيوارن سان گڏجي قدم کڻڻ تي عملدرآمد جي حڪومتي عزم جو به ورجاءُ ڪيو.

بقايا *** 31

به ڌر واضح ڪاميابي حاصل نه ڪئي آهي. نه ئي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو ۽ نه ئي سندس مکيه مخالف گادي آئزنڪوٽ 120 رڪني پارليامينٽ (ڪنيسٽ) ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ گهربل 61 سيٽن جي اڪثريت حاصل ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نظر اچن ٿا. اسرائيل جي چينل 13 موجب ووٽن جي ڳڻپ لڳ ڀڳ مڪمل ٿي وئي آهي متناسب نمائندگي جي قاعدن مطابق نيتن ياهو ۽ سندس اتحادين کي 53 سيٽون ۽ مخالف اتحاد گادي آئزنڪوٽ ۽ اتحادين کي 50 ۽ ٻن عرب پارٽين کي 17 سيٽون ملڻ جو امڪان آهي. هي هڪ اندازو آهي حتمي نتيجا نه سمجهيا وڃن. اڳ ۾ نيتن ياهو جي اتحاد کي 52 سيٽون ملڻ جي رپورٽ سامهون آئي هئي. اهو انگ سندس اڳواڻيءَ هيٺ هلندڙ موجوده ڪنيسٽ جي 68 سيٽن واري اتحاد جي ڀيٽ ۾ وڏي گهٽتائي آهي. تنهن هوندي به، سندس جماعت ليڪود جي سڀ کان وڏي پارٽي رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي، يعني اڌ کان وڌيڪ ووٽرن نيتن ياهو کي ووٽ ڏئي اڪثريتي پارٽي ثابت ڪيو آهي. اسرائيل ۾ چونڊون هي به پڙهو پر اسرائيل جي سياست ۾ سڀ کان وڏي پارٽي هجڻ کان وڌيڪ اهم ڳالهه اتحاد ٺاهي حڪومت قائم ڪرڻ آهي. ان ڪري نيتن ياهو لاءِ اقتدار ۾ رهڻ جو رستو هاڻي غيرواضح ٿي ويو آهي. پر مخالف ڌر لاءِ به حڪومت ٺاهڻ جو رستو پيچيده آهي.

بقايا *** 32

، مولوي اڪرام الله فجر جي نماز پڙهي گهر واپس اچي رهيو هو ته نامعلوم ماڻهن فائرنگ ڪري زخمي ڪري ڇڏيو کيس نازڪ حالت ۾ ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ٻئي طرف گهارو پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 33

ته لاڙڪاڻي کي صوبو بڻائي جي يو آءِ کي حڪمرانيءَ جو خواب ڏيکاريو ويو. جڏهن ته اهڙي آڇ فنڪشنل ليگ کي به ڪئي وئي. هن چيو ته خواهش آهي ته سنڌ جي ورهاڱي خلاف سڀئي گڏجي جدوجهد ڪن. ناصر محمود سومري چيو ته جڏهن ڪو به صوبن ٺاهڻ جي ڳالهه قبول نٿو ڪري ته پوءِ صوبا ٺهڻ ڪانپوءِ حڪومتن جي ورهاست جي ڳالهه ڪير قبول ڪندو؟ جيڪي صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه ڪن ٿا، اهي ئي حڪومتون ورهائڻ جون ڳالهيون به ڪري رهيا آهن. هن چيو ته قبيلائي جهيڙا ختم ڪرڻ لاءِ نه پيپلزپارٽي سنجيده آهي، نه ئي پوليس. جڏهن ته قبيلائي تڪرارن بابت ٿيل فيصلن تي عمل ڪرائڻ جي ضرورت آهي. جي يو آءِ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته ڏوهارين کي پرامن ماڻهو قرار ڏيڻ پيپلزپارٽي جي منهن تي چماٽ آهي. هر ضلعي ۾ ڏوهارين جا پيرا کڻڻ سان اهي پيپلزپارٽي جي پوٽارن تائين پهچي ويندا. ناصر محمود سومري لاڙڪاڻي ۾ امن امان جي صورتحال تي سوال اٿاريندي چيو ته مان کلان يا روئان؟ لاڙڪاڻي ۾ 30 ڏينهن اندر 18 قتل ٿيا آهن. سرڪار ڪهڙي منهن سان امن امان بهتر ٿيڻ جي ڳالهه ڪري رهي آهي؟

بقايا *** 34

ب ضلعي ڪيچ جي علائقي حاجي شهر ۾ شبير احمد مبينا طور فائرنگ ڪري پنهنجي زال نسرين، پنجن ورهين جي پٽ ضمير ۽ ٽن مهينن جي جاڙين ڌيئرن نفيسه ۽ عليزه کي قتل ڪري ڇڏيو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته واردات ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويو. جنهن جي گرفتاريءَ لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن. پوليس موجب چئني ڄڻن جا لاش تحويل ۾ وٺي ٽيچنگ اسپتال سبي منتقل ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 35

جو تعداد وڌيڪ وڌي سگهي ٿو متعدي بيمارين جي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر فيصل محمود موجب ڪراچي ۾ انفلوئنزا جو ايچ ون اين ون (H1N1) وائرس شهرين کي متاثر ڪري رهيو آهي اهو ئي وائرس 2009 ۾ سوائن فلو جي نالي سان سامهون آيو هو هن جو چوڻ آهي ته وائرس ۾ وقت سان گڏ تبديليون ايندڙيون رهنديون آهن. جنهن جي نتيجي ۾ نوان قسم سامهون ايندا آهن ڊاڪٽر فيصل محمود ٻڌايو ته انفلوئنزا جي سڀني مريضن جا ٽيسٽ نه ڪيا ويندا آهن. بلڪ عام طور تي سخت بيمار ماڻهن جي تشخيص لاءِ ٽيسٽ ڪيا ويندا آهن انفلوئنزا کان مريضن ۾ نمونيا سميت سنگين پيچيدگيون پيدا ٿي سگهن ٿيون ان ڪري ويڪسين کي ان کان بچاءَ جو اهم ذريعو سمجهيو وڃي ٿو هن بزرگن، ٻارن ۽ ڪمزور قوت مدافعت وارن ماڻهن کي ويڪسين لڳرائڻ جي صلاح ڏني ٻئي پاسي سول اسپتال ڪراچي ۾ به فلو جي مريضن جي تعداد ۾ واڌ رپورٽ ٿي آهي

بقايا عوامي سوچ 01

سنڌ جي سهڪار سان هلندڙ تعليمي اداري ايف اي ايس پاٽ هاءِ اسڪول ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ الخدمت فائونڊيشن ضلعي بدين جي صدر غلام رسول احمداڻي، جماعت اسلامي ضلعي بدين جي جنرل سيڪريٽري عبدالڪريم بليدي، اسسٽنٽ سيڪريٽرين اياز لطيف سومرو ۽ محمد حنيف ملاح، ايف اي ايس پاٽ هاءِ اسڪول جي پرنسپال محمد علي بليدي سميت الخدمت جي رضاڪارن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن بوٽا ڪٽي شجرڪاري مهم جي ڪاميابيءَ لاءِ دعا گهري ۽ بوٽا پوکي مهم جو باقاعده آغاز ڪيو. ان موقعي تي الخدمت فائونڊيشن جي ذميوارن چيو ته الخدمت فائونڊيشن پاران سنڌ ڀر ۾ لکين بوٽا پوکڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. ته جيئن ماحولياتي گدلاڻ تي ضابطو آڻي ماحول کي سرسبز بڻائڻ ۽ موسمياتي تبديلين جا اثر گهٽائڻ ۾ مدد ملي سگهي. هنن چيو ته وڻ پوکڻ صدقو جاريہ آهي. جڏهن ته پوکيل بوٽن جي حفاظت ۽ سار سنڀال ڪرڻ پڻ انتهائي ضروري آهي. نوجوان نسل ۾ شجرڪاريءَ بابت شعور پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان ڪري شاگردن، استادن ۽ شهرين کي گهرجي ته هو هن مهم ۾ ڀرپور حصو وٺن ۽ سرسبز، صاف ۽ خوشحال پاڪستان جي قيام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

بقايا عوامي سوچ 02

عبدالقادر عرف دانا پٽي ڪجھ عرصو بيمار رهڻ بعد وفات ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ پ ٽ الف حيدرآباد جي صدر نثار ميمڻ احمد ملاح گستا اڳواڻ اعظم عمراڻي سائين الله ڇڇايو ميمڻ نيشنل پريس ڪلب سجاول جو صدر حافظ سعيد الله ميمڻ جي يو آئي اڳواڻ مولوي حسن ميمڻ اسماعيل سرويچ پريس ڪلب سجاول جو جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ غفور پليپوٽو شوشل ورڪر چاچا خميسو ميمڻ سميت سياسي سماجي شهرين ۽ پٽي برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخري رسمون مصري شاهه قبرستان ۾ ادا ڪيون.

بقايا عوامي سوچ 03

ڳوٺاڻي فيض محمد مستوئي پنهنجي ڀاڻيجي محمد عمر مستوئي سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته شهدادڪوٽ جي ديہ صفدار ۾ اسان جي وڏڙن جي نالي تي 200 جريب زرعي زمين آهي. جنهن جو سمورو روينيو رڪارڊ پڻ اسان وٽ موجود آهي. هن الزام لڳايو ته ڄاڻايل زمين تي سال 2010ع کان وٺي علائقي جي بااثر آصف مستوئي، حاجي شعبان، صدر مستوئي، دودو، دلمراد مستوئي ۽ ٻين زبردستي هٿيارن جي زور تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي. جن کي ڳوٺ رئيس اعتبار چانڊيو واسي بااثر جاويد چانڊيو جي پٺڀرائي حاصل ٿيل آهي. جنهن ڪري هو اسان سان اهڙو ظلم ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ڄاڻايل بااثرن پاران اسان کي زمين جي مالڪي تان هٽ ڪڍڻ لاءِ مختلف وقتن تي ڪوڙا ڪيس ڪرائڻ سميت موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. اهڙيون شڪايتون اسان ڪيترائي ڀيرا حد جي ٿاڻي تي ڏيڻ سان گڏ علائقي جي معززن وٽ ڏانهون پڻ ڪيون آهن. پر ان باوجود هن وقت تائين ڪوبہ تدارڪ ناهي ڪيو ويو. جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي مٿي ڄاڻايل بااثرن توڙي سندن ساٿارين خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ زمين تان ٿيل قبضو ختم ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 04

آفيس ميرپورخاص ۾ عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر ميرپورخاص سيد امداد علي شاهه شهرين جون شڪايتون ٻڌيون. جڏهن ته اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر ون افضل چانڊيو ۽ عرفان پڻ ان موقعي تي موجود هئا. کليل ڪچهري منعقد ڪرڻ جو مقصد سرڪاري ملازمن ۽ عام شهرين کي پيش ايندڙ مسئلن. خاص طور تي پگهارن، پينشن، رهتن، جنرل پراويڊنٽ فنڊ (جي پي فنڊ)، مالي سهائتا ۽ ٻين انتظامي توڙي مالي معاملن جي حل لاءِ لاڳاپيل فورم فراهم ڪرڻ هو. ان موقعي تي مجموعي طور 10 درخواستون وصول ٿيون. جڏهن ته 6 ڪيسن جي ٻڌڻي ڪئي وئي. وصول ٿيل شڪايتن ۾ ٺيڪيدار پاران سي سي بلاڪ جو ڪم مڪمل نہ ڪرڻ، اسڪول ۾ پٽيوالي جي غير موجودگيءَ سبب پيش ايندڙ ڏکيائين، تعليم کاتي جي ملازمن کي پينشن ۽ رهتن جي وقت سر ادائيگي نہ ٿيڻ ۽ پگهارن سان لاڳاپيل مسئلا شامل هئا. هاءِ وي جي هڪ رٽائرڊ ملازم شڪايت ڪئي ته ڪيس رٽائرمينٽ کان پوءِ اڃا تائين واجب الادا مالي مراعتون نہ مليون آهن. جڏهن ته لوڪل گورنمينٽ کاتي جي هڪ رٽائرڊ ملازم پينشن ۽ پگهار جي عدم ادائيگي بابت شڪايت پيش ڪئي. ريجنل ڊائريڪٽر سيد امداد علي شاهه لاڳاپيل شڪايتن جو جائزو وٺندي قانون ۽ مقرر طريقيڪار موجب ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون. هن درخواست گذارن کي هدايت ڪئي ته درخواست جمع ڪرائڻ وقت پنهنجو مڪمل نالو، موبائل نمبر، مڪمل پوسٽل ايڊريس ۽ قومي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي لازمي طور شامل ڪن. ته جيئن شڪايتن تي ڪارروائي ۾ آساني ٿئي ۽ مسئلن جو قانون موجب ازالو ڪري سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 05

ميمبر منظور ميراڻي، اطهر سنديلو، ڏوڪري پريس ڪلب صدر فدا حسين ابڙو، ايل يو جي تعلقي صدر زبير زرار منگي، نائب صدر وحيد ڳاهو، نائب صدر جاويد احمد جوڻيجو، جنرل سيڪريٽري مقبول ڪانڌڙو، جوائنٽ ون وحيد رمضان جوڻيجو، جوائنٽ سيڪريٽري ٽو فدا حسين جوڻيجو، انفارميشن سيڪريٽري جاويد احمد ميمڻ، خزانچي قاضي نياز حسين جوڻيجو، آفيس سيڪريٽري نثار احمد سرگاڻي ميمبر ايگزيڪيوٽو ڪميٽي رينواز ڪوسو، معشوق احمد، توفيق سنديلو، قاضي غلام حسين جوڻيجو، سميت ڏوڪري پريس ڪلب جي صحافين علي اصغر ميمڻ، قاضي سهيل احمد، قاضي فريد احمد، سيد جمن شاهه، عرفان منگي، قاضي محمد امين، شهاب الدين جتوئي، فياض ڀان غلام شبير جتوئي عبداللطيف ڏيرو، ارشاد علي سونارو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي قلم ڏٺين چيو ته صحافي معاشري ۾ موجود ظلم، ڏاڍ ۽ جبر خلاف سگهارو آواز آهن. جنهن کي خاموش ڪرائڻ لاءِ جتن ڪيا پيا وڃن. صحافين ۾ ايڪو ۽ اتحاد وقت جي اهم ضرورت آهي. هنن چيو ته لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس تعلقي ڏوڪري جا عهديدار بنا فرق جي ڏوڪري تعلقي جي سمورن صحافين جا مسئلا حل ڪري ڪين رليف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي پنهنجي جائز حقن لاءِ گڏيل جدوجهد ڪندا. هنن چيو ته صحافين مٿان حملا ڪري ڪين تشدد جو نشانو بڻائڻ توڙي ورڪنگ جرنلسٽس جي رستا روڪ ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي وفاقي توڙي صوبائي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته صحافين کي تحفظ ۽ بنيادي حق فراهم ڪري ته جيئن صحافي بغير پريشاني جي مظلوم ۽ بي پهچ عوام جو آواز اقتدار جي اعليٰ ايوانن تائين پهچائين.

بقايا عوامي سوچ 06

مبينا بدعنواني، عدم تعاون ۽ جائز ڪمن ۾ رڪاوٽ ۽ ڊگهي عرصي کان پينڊنگ پيل ڪيسن کي رکي رشوت جي بازار گرم ڪري ملازمن جا جائز مسئلا حل نہ ڪرڻ خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو پبلڪ پارڪ مڪلي کان ٽريزري آفيس ٺٽي تائين پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي صدر محمد شريف ٿنيو، گسٽا ضلعي ٺٽي جي صدر محمد سليم ڪٽي، آپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر احمد نواز پناڻ، گواز ضلعي ٺٽي جي صدر نور محمد سرائي، سيد فدا حسين شاهه بخاري، خان محمد هيلايو، پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري خير محمد بروهي، آپڪا ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري ارباب سجاد سمون، سابق گسٽا اڳواڻ علاوالدين بروهي، حامد علي مغل، احسان علي ميمڻ، سرور علي جوکيو، خميسو خان شورو، محمد علي شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪري ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي. جتي ٽريزري کاتي ٺٽي جي عملدارن ٽريزري آفيس جا دروازا بند ڪرائي وڏي تعداد ۾ پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪرائي ڇڏيو. ان موقعي تي احتجاج ڪندي هڻيل ڌرڻي کي خطاب ڪندي جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن چيو ته ٽريزري آفيس ۾ رشوت جي بازار گرم اهي. جتي پئسن ڪانسواءِ ڪوبہ جائز ڪم نٿو ٿئي. هنن چيو ته استاد، سرڪاري ملازم، رٽائرڊ ملازم، پينشنر، بيواهن ۽ يتيمن جي سرڪاري ڪمن جي حل لاءِ ٻ ڪين سخت پريشان ڪيو ٿو وڃي. پينشن، وفات ٿيل ملازمن جا ڪيس، ڊفرنس بل، سروس بڪ جي فڪسيشن سميت ڊزيز ڪوٽا جي ويڪنسي تصديق ڪرائڻ تي ٻ رشوت جي وصولي ڪرڻ سان گڏ ٻين تمام جائز ڪمن ۾ غير ضروري اعتراض لڳائي مبينا طورتي بغير رشوت جي ڪوبہ ڪم وقت تي مڪمل نٿو ڪيو وڃي. خاص طور تي وفات ٿيل ملازمن جون بيواهون ۽ يتيم سخت پريشان آهن. جن جا پينشن توڙي معاشي امداد جا ڪيس ڊگهي عرصي کان پينڊنگ پيل آهن. هنن چيو ته سندن احتجاج بعد رشوت خور ٽريزري آفيسرن ٽريزري آفيس جا دروازا بند ڪرائي وڏي تعداد ۾ پوليس کي بيهاري ڇڏيو اهي. هنن چيو ته اسان احتجاج ڪندڙ سرڪاري ملازم پرامن ماڻهون اهيون. اسان پنهنجا جائز مطالبا حل ڪرائڻ توڙي رشوت خور ٽريزري عملي کي هٽائڻ لاءِ روڊن تي آيا آهيون. هنن گهر ڪئي ته فورن رشوت خور عملدارن کي بدلي ڪري ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ آفيسر اڪائونٽس ٽريزري ٺٽو ۽ لاڳاپيل عملدارن خلاف انڪوائري ڪرائي بدعنواني ۽ رشوت توڙي جائز ڪمن ۾ ڄاڻي واڻي دير ڪرڻ تي انهن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪري رشوت خور عملي کي فورن هٽائي ايماندار آفيسرن کي مقرر ڪيو وڃي. جيئن سمورن ملازمن، پينشنرن، بيواهن، يتيمن جا جائز مسئلا حل ٿي سگهن ۽ ملازمن پڻ وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 07

ن ٿرپارڪر هاشم مسعود جي صدارت هيٺ ڪانفرنس هال مٺي ۾ ٿي، گڏجاڻي ۾ اي ڊي سي هاشم مسعود لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته ضلعي ۾ غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام جي سرگرمين کي تيز ڪري سخت نگراني ڪئي وڃي ته جيئن مستحق ماڻهن کي جلد فائدو ملي سگهي. گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي ضلعي ڪوآرڊينيٽر ٻڌايو ته ممتا پروگرام تحت ڳورهارين ۽ ٻارن کي ٿڃ پياريندڙ عورتن کي مالي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. جنهن جو مقصد زندگيءَ جي پهرين 1000 ڏينهن دوران ماءُ ۽ ٻار جي صحت بهتر بڻائڻ آهي. ڏنل بريفنگ تي هن هدايت ڪئي ته آگاهي ۽ رجسٽريشن جون سرگرميون تيز ڪيون وڃن ۽ مستحق عورتن کي بنا ڪنهن ڪٽوتيءَ جي مالي امداد جي ادائيگي يقيني بڻائي وڃي. گڏجاڻي ۾ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 08

ڪانجي، سوپارو شاهه، مڇيائو ۽ ڳوٺ ڪارسر ترائي ۾ نياڻين جي هلندڙ تعليم جو جائزو ورتو ۽ نياڻين جي تعليم تي خوشي جو اظهار ڪيو هنن سماجي تنظيم پاران ڏنل ڪاروبار جو بہ جائزو ورتو ان موقعي تي عورتن ۽ نياڻين ۽ ڳوٺاڻن سان جاڳرتا گڏجاڻيون منعقد ڪري ننڍي عمر ۾ نياڻين جي شادين جي روڪٿام، نياڻين جي تعليم تي مڪمل ڌيان ڏيڻ، انهن کي مڪمل تحفظ ڏيڻ ۽ ڪاروبار کي وڌيڪ فعال ڪرڻ تي هنن پاران آگاهي ڏني ويئي ۽ ڳوٺاڻن پاران مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو ان موقعي تي فهيم نوهڙي، ستار جوڻيجو، ميڊم سهائي، ميڊم يسودا پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 09

تي هڪ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو. جنهن جو مقصد انسان جي واڌ ويجھ، دماغي ترقي ۽ بيمارين کان بچاءُ ۾ آيوڊين جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو. ان پروگرام ۾ هيلٿ آفيسرن، ضلعي نمائندن ۽ تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي تا جيئن آيوڊين جي ڪميءَ جي سخت نقصان جھڙوڪ ڳوڙهيون (Goiter)، دماغي واڌ ويجھ ۾ رڪاوٽ، ذهني معذوري ۽ ٻارن جي شروعاتي ترقيءَ ۾ دير بابت عوام ۾ شعور بيدار ڪيو وڃي. شرڪت ڪندڙن آيوڊين ملايل لوڻ جي واپرائڻ کي هڪ آسان، سستو ۽ فائديمند طريقو قرار ڏنو. سيمينار ۾ DHO آفيس جي عملي، ليڊي هيلٿ ورڪرس (LHWs) ۽ مقامي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (DHO) ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي چيو ته غذائي جزن جي ڪميءَ کان بچاءُ ايندڙ نسلن جي جسماني ۽ ذهني نشوونما لاءِ بيحد ضروري آهي. هن ٿرپارڪر جي ڏورانهن علائقن تائين آيوڊين واري لوڻ جي پهچ ۽ مسلسل آگاهيءَ جي ضرورت تي زور ڏنو. ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن ڊاڪٽر سترام روپاڻي ٻار جي پيٽ ۾ هجڻ واري وقت ۽ شروعاتي عمر ۾ آيوڊين جي اهميت بيان ڪندي ٻڌايو ته آيوڊين ٻار جي دماغي ترقي ۽ اعصابي بيمارين کان بچاءُ لاءِ انتهائي لازمي آهي. مائيڪرو نيوٽريئنٽ انٽرنيشنل جي زونل مئنيجر مسٽر طاهر مصطفيٰ چيو ته سيني ادارن جي مڪمل سهڪار، نگراني ۽ ڪميونٽي آگاهيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي ته جئن صحت بابت اهي اهم پيغام ضلعي جي هر گهر تائين پهچي سگهن. مرڪزي سيمينار کان علاوه شفاءُ فائونڊيشن جي سهڪار سان ڳوٺ پاناڻي ۾ پڻ هڪ خاص آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو. شفاءُ فائونڊيشن جي نمائندي مسٽر سُنيل عزم ورجايو ته سندن تنظيم مقامي صحت جي ادارن ۽ ڀهراڙيءَ جي ماڻهن سان غذائيت ۽ پرائمري هيلٿ ڪيئر جي ميدان ۾ سهڪار جاري رکندي. پروگرام کي هلائيندي اسسٽنٽ DHO ڊاڪٽر آڪاش ڪميونٽيءَ کي مقامي سطح جا عملي مشورا ڏنا. هن شرڪت ڪندڙن کي گهر جي لوڻ ۾ آيوڊين جي موجودگي چيڪ ڪرڻ جا آسان طريقا ٻڌايا ۽ اها خاطري ڪرائي ته آيوڊين وارو لوڻ واپرائڻ بلڪل سستو آهي. جنهن سان کيسي تي ڪو بوجھ نٿو پوي پر ٻارن ۽ مائرن جي صحت لاءِ ان جا بيشمار فائدا آهن. پروگرام جي پڄاڻي سيني ڀائيوارن جي ان گڏيل عزم سان ٿي ته اسڪولن، رورل هيلٿ سينٽرن ۽ مقامي برادرين ۾ آگاهي مهم کي وڌايو ويندو تاجيئن آيوڊين ملايل لوڻ جي باقاعده استعمال سان هڪ صحت مند مستقبل حاصل ڪري سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 10

معطل ڪري عهدي تان هٽائڻ ۽ ٻين علائقن مان ميرپورخاص ۾ مقرر ڪيل استادن کي واپس سندن لاڳاپيل علائقن ڏانهن موڪلڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاج دوران ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص سمير حسين لغاري پاران اسسٽنٽ ڪمشنر غلام حسين ڪانهيو جي اڳواڻي ۾ وفد مظاهرين وٽ پهتو ۽ استادن کي چئن رڪني وفد جي صورت ۾ ملاقات لاءِ گهرايو. بعد ۾ استادن جي چئن رڪني وفد ڊپٽي ڪمشنر سان ملاقات ڪري مطالبا لکت ۾ پيش ڪيا. جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر ٽن ڏينهن اندر مطالبن تي عملدرآمد جي خاطري ڪرائي. جنهن بعد مظاهرين احتجاج ختم ڪري ڇڏيو. استادن جي وفد مطالبو ڪيو ته اعظم نواز هزاروي جي معطلي فوري طور واپس وٺي ڪيس بحال ڪيو وڃي. هيڊ مسٽريس شبنم ناز کي معطل ڪري عهدي تان هٽايو وڃي ۽ ٻين علائقن مان ميرپورخاص ۾ مقرر ڪيل استادن کي واپس سندن علائقن ڏانهن موڪليو وڃي. استادن چيو ته معاملن تي فوري ۽ منصفاڻي ڪارروائي ڪئي وڃي. احتجاجي اڳواڻن جو چوڻ هو ته اعظم نواز هزاروي جي معطلي جو معاملو گورنمينٽ پرائمري اسڪول پانسنگ آباد جي دوري دوران پيش آيل واقعي سان لاڳاپيل آهي. جتي تعليم کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري جي اوچتي دوري ۽ هيڊ مسٽريس شبنم ناز جي مبينا رويي سبب تڪرار پيدا ٿيو هو. استادن معاملي جي غيرجانبدارانہ جاچ ڪرائي سمورن ڌرين جو موقف ٻڌڻ بعد فيصلو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. پ ٽ الف ميرپورخاص سٽي جي صدر اعظم نواز هزاروي احتجاج دوران تعليم کاتي جي ڪجھ آفيسن ۾ مبينا بدعنواني ۽ رشوت ستاني جا الزام پڻ هنيا. هن دعويٰ ڪئي ته ايف سي آر سان لاڳاپيل معاملن ۾ في استاد کان 3 لک رپين تائين رقم طلب ڪرڻ ۽ رٽائرمينٽ جي معاملن ۾ لکين رپين جي مبينا وصولين جون شڪايتون موجود آهن. هن ڊائريڪٽر پرائمري، ڊائريڪٽر سيڪنڊري، ڊي اي او پرائمري ۽ ڊي اي او سيڪنڊري جي ڪارڪردگي تي پڻ سوال اٿاريندي آفيسرن جي اسڪولن جي دوري جا تفصيل سامهون آڻڻ ۽ شڪايتن جي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو. اعظم نواز هزاروي ۽ ٻين مظاهرين الزام لڳايو ته استادن کي نوڪرين تان برطرف ڪرڻ ۽ پري وارن علائقن ڏانهن بدليون ڪرڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن. هنن تعليم واري سيڪريٽري، ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر کان مطالبو ڪيو ته استادن جي مسئلن جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ۽ ميرٽ موجب ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي. مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مقرر وقت اندر سندن مطالبا تسليم نہ ڪيا ويا ته 4 نومبر تي ڪراچي ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو. جنهن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان استادن جي شرڪت متوقع آهي. جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر پاران ٽن ڏينهن اندر مطالبن تي عملدرآمد جي خاطري ڪانپوءِ في الحال احتجاج ختم ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 11

ان اپ گريڊ ڪري BHU جو ته درجو ته ڏنو ويو پر هن اسپتال کي اضافي اسٽاف سميت ڪا بہ گهربل سهولت نہ ڏني ويئي. هن وقت PPHI جي سرپرستي هيٺ هلندڙ هن اسپتال جي عمارت بلڪل زبون حال بڻيل آهي جيڪو ڪنهن بہ وقت ڪنهن وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. هن وقت اسپتال ۾ صرف ٻہ ڊاڪٽر موجود آهن. هن اسپتال جي چارج ٻارن جي ڊاڪٽر حوالي آهي ۽ ڪوبہ فزيشن ڊاڪٽر موجود ناهي. هن اسپتال ۾ هن وقت صرف هڪ مڊ وائف موجود آهي. جڏهن ته رات جي شفٽ لاءِ ڪو بہ مڊ وائف موجود ناهي. موجوده مڊ وائف او پي ڊي کان وٺي ڊليوري تائين سڀ ڪم سنڀالي ٿي. اسپتال ۾ صرف ايمبولينس جي لاءِ هڪ ڊرائيور مقرر آهي جيڪو ڏينهن جي ڊيوٽي ۾ باقاعده ڊيوٽي تي موجود هوندو آهي. رات جي وقت ايمرجنسي جي صورت ۾ ساڳئي ڊرائيور کي گهرايو ويندو آهي. چيلهار: 10 هزار کان مٿي او پي ڊي رکندڙ هن اسپتال کي دوائون پڻ محدود حد تائين ڏنيون وڃن ٿيون مهيني جي آخر ۾ وري دوائن لاءِ PPHI وارن کي ميڙ منٿ ڪرڻي پوي ٿي. چيلهار شهر جي رهواسين چونڊيل نمائندن توڙي PPHI ۽ صحت کاتي کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته هن اسپتال کي بلڊنگ، ڊاڪٽرن، مڊ وائف، دوائن ۽ ايمبولينس جي هڪ اضافي ڊرائيور سميت سيئي مسئلا حل ڪري علائقي واسين کي علاج لاءِ دربدر ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 12

ہ هڪ سال اڳ اسان پهنجي رضا خوشي سان شادي ڪئي هئي جنهن کانپوءِ سندس مائٽن سندن زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي ۽ مسلسل ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيا آهن هنن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان سميت اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيوآهي ته کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 13

و احتجاج. قانون واضح ڪرڻ جو مطالبو ميرپورخاص ميونسپل ڪارپوريشن جي گريڊ هڪ جي سينيٽري ورڪرن پاران پنهنجي ڌيءَ جي شادي جي سلسلي ۾ هڪ مهيني جي موڪل جي درخواست ڏيڻ تي ميونسپل ورڪرز يونين CBA پاران ميونسپل ڪمشنر جي فيصلي تي اعتراض واريندي قانون واضح ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. يونين جي جنرل سيڪريٽري سيد عابد علي موجب، جڏهن هو موڪل جي منظوري لاءِ ميونسپل ڪمشنر انيس الرحمان سيال وٽ پهتو ته کيس ٻڌايو ويو ته هڪ مهيني جي موڪل قانون ۾ ناهي ۽ اهڙي موڪل منظور ڪرڻ غيرقانوني عمل هوندو. سيد عابد علي سوال اٿاريو ته جيڪڏهن هڪ مهيني جي موڪل غيرقانوني آهي ته پوءِ اهو قانون ٻڌايو وڃي. جنهن تحت اهڙي موڪل وٺڻ غيرقانوني قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 14

گهارو ٽائون ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مسجد قباءَ جو پيش امام مولوي عبدالاڪرام سخت زخمي ٿيڻ بعد فوت ٿي ويو. جنهن واقعي سبب علائقي ۾ خوف ۽ ڏک جي لهر پکڙجي وئي آهي. تفصيل موجب گهارو ٽائون جي نئين آبادي واري علائقي ۾ قائم مسجد قباءَ جو پيش امام مولوي عبدالاڪرام فجر جي نماز پڙهائڻ کانپوءِ پنهنجي گهر ڏانهن وڃي رهيو هو ته رستي ۾ نامعلوم هٿياربندن متس فائرنگ ڪري ڏني. جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو. واقعي کانپوءِ زخمي پيش امام کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو پئي ويو. پر هو رستي ۾ ئي زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏئي ويو. سندس فوت ٿيڻ جي خبر پکڙجڻ شرط علائقي ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي. واقعي بابت اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي تفصيل گڏ ڪيا ۽ واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. پوليس موجب فائرنگ ۾ ملوث نامعلوم جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن. پوليس جاچ جاري. قتل جا ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيا في الحال پيش امام مولوي عبدالاڪرام جي قتل جا ڪارڻ سامهون نہ اچي سگهيا آهن ۽ نہ ئي واقعي ۾ ملوث جوابدارن بابت ڪا حتمي ڄاڻ ملي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جاچ مڪمل ٿيڻ بعد واقعي بابت وڌيڪ حقيقتون سامهون اچي سگهنديون.

بقايا عوامي سوچ 15

ـ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي خاص هدايتن تي ضلعي انتظاميا پاران وي ڪيئر هائوس مڪلي ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن جو مقصد والاريل جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ هو. تقريب ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو وليد احمد ڊاوچ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندڙ ٻين مقررن ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (سيڪنڊري) حضور بخش خاصخيلي، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري) نور سرائي، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نياز ميمڻ ۽ چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر مهرين اقبال سومرو شامل هئا. مقررن چيو ته 27 آڪٽوبر ڪشميري عوام لاءِ ڪارو ڏينهن آهي. ڇاڪاڻ ته 1947ع ۾ هن ڏينهن تي ڀارتي فوجون جمون ۽ ڪشمير ۾ داخل ٿيون ۽ قبضي جي شروعات ٿي. هنن چيو ته ڪشمير جو ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ڪشميري عوام جي قربانين ۽ حقِ خوداراديت جي حصول لاءِ سندن مسلسل جدوجهد کي اجاگر ڪرڻ آهي. هنن چيو ته ڪشميري عوام ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پنهنجن بنيادي حقن ۽ حقِ خوداراديت جي حصول لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. مقررن عالمي برادري ۽ انساني حقن جي تنظيمن تي زور ڀريو ته اهي ڪشميري عوام جي حقن جي تحفظ ۽ مسئلي ڪشمير جي پُرامن حل لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪن. مقررن وڌيڪ چيو ته ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ عالمي سطح تي سندن آواز کي اجاگر ڪرڻ اسان سيني جي گڏيل ذميواري آهي. هن ڪشمير جي موجوده صورتحال بابت عوام ۾ شعور ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو. تقريب ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن، غير سرڪاري تنظيمن جي نمائندن، صحافي برادري ۽ ٻين معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام جي حق خوداراديت جي حمايت ۽ ساڻن يڪجهتي جو اظهار جاري رکڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا عوامي سوچ 16

آجياڻي جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن ۾ وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه، سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه، صوبائي وزيرن سيد ناصر حسين شاهه، سيد ذوالفقار شاهه، مڪيش چاولا ۽ ٻين وزيرن، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن، سنڌ حڪومت جي ترجمان، پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي عهديدارن، ڪراچيءَ جي سمورن ضلعن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين، پيپلز ليبر بيورو سنڌ جي صدر حبيب الدين جنيدي، سمورن ٽائونن جي چيئرمينن ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صوبائي وزير سعيد غني ۽ چنيسر ٽائون جي چيئرمين فرحان غني آيل سمورن مهمانن جي آجيان ڪئي ۽ کين گلن جا گلدستا پيش ڪيا. آجياڻي دوران سنڌ ۽ گلگت بلتستان وچ ۾ صوبائي هم آهنگي، گڏيل لاڳاپن ۽ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. جڏهن ته سمورن شرڪت ڪندڙن سياسي ۽ قومي يڪجهتيءَ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. ان موقعي تي گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي دوري دوران وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه، سنڌ ڪابينا جي ميمبرن، پارٽي اڳواڻن ۽ عهديدارن سان ملاقاتن مان کيس اهو احساس ٿيو آهي ته سنڌ حڪومت، پارٽي قيادت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو هر عهديدار توڙي ڪارڪن گلگت بلتستان جي عوام سان دلي محبت ۽ پنهنجائپ رکي ٿو. هن چيو ته کيس اها ڳالهہ ڄاڻي پڻ تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ته سنڌ ۾ رهندڙ گلگت بلتستان جا ماڻهو سنڌ حڪومت پاران سندن ڀلائي ۽ سهولتن لاءِ کنيل قدمن مان خوش ۽ مطمئن آهن. گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ ان موقعي تي صوبائي وزير سعيد غني، چنيسر ٽائون جي چيئرمين فرحان غني ۽ ٻين سمورن ميزبانن جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃيا ۽ سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. آجياڻي ۾ شريڪ اڳواڻن سنڌ ۽ گلگت بلتستان وچ ۾ گڏيل لاڳاپن کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ، صوبائي هم آهنگيءَ کي هٿي ڏيڻ ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ گڏيل سهڪار کي هٿي ڏيڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو. آجياڻي کانپوءِ گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ، صوبائي وزيرن سيد ناصر حسين شاهه ۽ سعيد غني، چنيسر ٽائون جي چيئرمين فرحان غني راجا رزاق بلوچ امداد جوکيو سليم بلوچ ۽ ٻين اڳواڻن سنڌي مسلم واري علائقي ۾ چنيسر ٽائون پاران قائم ڪيل جديد واڪ فوڊ اسٽريٽ جو دورو ڪيو. دوري دوران اڳواڻن فوڊ اسٽريٽ جي سهولتن ۽ انتظامن جو جائزو ورتو. ان موقعي تي هنن واڪ فوڊ اسٽريٽ کي پاڪستان ۾ پنهنجي نوعيت جي پهرين ۽ اعليٰ معيار جي فوڊ اسٽريٽ قرار ڏنو. هن منصوبي کي شهري سهولتن، تفريح ۽ کاڌي پيتي جي بهتر ماحول جي حوالي سان هڪ اهم قدم قرار ڏنو ويو.

بقايا عوامي سوچ 17

ن خلاف ميرپورخاص پهتو آن موقعي تي پرتاب ڪولهي، مروان ڪولهي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ت اسان ڪلوئي ۾ نياز بجير جي سرن جي ڀٽي تي ڪم ڪندا هئاسين جتي مزدوري جا پيسا نہ ملڻ سبب ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور هئا جنهن ڪري مجبور ٿي مٺي ڪورٽ ۾ اهڙي درخواست ڏني عدالت پاران آزاد زندگي گذارڻ جو فيصلو ڏنو پر ان جي باوجود نياز بجير، بادل، جمعدار لالجي ڪولهي، شنڪر گهراچي ڀيهر ٻني تي ڪم ڪرڻ لا حراسان ڪري رهيا آهن ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي عورتن کي اغوا ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن ڄاڻايل ماڻهن مان زندگين کي خطرو آهي خوف سبب گهرن تائين محدود بڻيل آهيون متاثر پورهيت ڪٽنب واسطيدار اختيارين کان پر زور مطالبو ڪندي چيو ت معاملي جو نوٽس وٺي ڄاڻايل ماڻهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 18

تي ڏاڙا هڻي پاڻي چوري ڪرڻ سبب شاخن جي پوڇڙي تائين پاڻي نہ پهچڻ خلاف 44 ميل ريگيوليٽر ڏڙا ,لاڪا ,نوناري ,چني شاخ جي سوين آبادگارن 44 ريگيوليٽر ۽ چينجاڻي شاخ جي سوين آبادگارن پاران جوهي پان روڊ چنجاڻي شاخ تي الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪري آبپاشي اي سي, انجنيئر, ايس ڊي او ۽ پاڻي چورن سهولتڪارن خلاف ڌرڻا هنيا ويا ان موقعي تي آبادگار اتحاد جي صدر منظور احمد سولنگي ,حاجي محمد عمر جمالي ,فهد بلوچ, غلام قادر جمالي نياز جمالي , ۽ علي گل لنڊ, غلام علي جمالي ,عثمان لنڊ ۽ ٻين دانهيو آهي ته جوهي برانچ ۽ ان مان نڪرندڙ شاخن مان واري آڏامي رهي آهي جانور سان گڏ انسان بہ اڃ مري رهيا آهن جوهي بئراج جي منڊ تي بااثر پوتار ۽ سندن سهولتڪار ڏاڍ جي زور تي زبردستي پاڻي تي ڏاڙا هڻي رهيا آهن جنهن سبب شاخن جي پوڇڙي تائين پاڻي نٿو پهچي نتيجي ۾ آبادگارن جو پوکيل فصل تيزي سان سُڪي سڙي رهيو آهي, آبادگارن موجب آبپاشي کاتي جا عملدار پاڻي چوري ۾ ملوث آهن ايتري تائين جو جوهي برانچ کان نان بئراج ايريا تائين آبادي ڪئي پئي وڃي، هنن چيو ته آبپاشي انجنيئر اجي ڪمار منڊ جي وڏن ڪاٽيدارن کان ايڊوانس لکين رپيا وٺي هاڻ پڇڙي ڏکڻ جي آبادگارن جو زرعي پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب هزارين ايڪڙن تي پوکيل فصل سڙي رهيو آهي آبادگارن موجب تہ ايري گيشن کاتي جا انسان دشمن عملدار سالن کان چنجاڻي شاخ جي ڪاٽي بہ ناهي ڪرائي جوهي بئراج تي سرعام ايري گيشن کاتي جا ملازم پاڻي چورن سان گڏجي هٿيار بندن جي زور تي شاخن کي بند ڪري ڇڏيو آهي اسان آبادگارن ڏکڻ طرف آبادگارن جو پاڻي هٽ وٺي بند ڪرايو ٿو وڃي هاڻ آبادي نہ ٿي تہ متاثرين ننڍا ڪاٽيدار لڏ پلاڻ ڪندا هنن چيو تہ انجنيئر ايري گيشن اسان آبادگارن کي چيو تہ فصل جي پوکائي جي تياري ڪريو هاڻ اسان هزارين ايڪڙن تي ڪروڙين رپين جو ٻج پاڻ هر ڪيٽ وياج تي ورتو آهي اگر آبادي نہ ٿي تہ تي ڪافي ڪاٽيدار مجبورن خودڪشيون ڪندا هنن چيو تہ ايريگيشن جي سي اي انجنيئر جوهي بئراج کي محدود ڪندي خاص پاڻي چورن تائين بئراج جي حد مقرر ڪئي وئي آهي جنهن سبب پڇڙي جا آبادگار سالن کان آبادي لاءِ پريشان آهن هنن چيو تہ اسان زميندارن وٽ هاڻ زهر کائي مرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوب رستو ناهي بچيو هنن مطالبو ڪيو تہ جوهي برانچ ۽ ان مان نڪرندڙ شاخن ۾ هلندڙ غيرقانوني لفٽ مشينون پائپ بند ڪرائي 44 ميل ريگيو ليٽر جي سمورن شاخن ۽ چينجاڻي شاخ جي پوڇڙي تائين پاڻي پهچائي جوهي بئراج تي رينجرس مقرر ڪري پاڻي چورن خلاف ڪيس داخل ڪيا وڃن ,

بقايا عوامي سوچ 19

سليمان سومرو جي رهواسين محمد سومرو ، علي نواز سومرو ، پورو ڪولهي ، پرشوتم ڪولهي ، اسلم سومرو ، ابراهيم سومرو ، اسماعيل سومرو ، غلام حسين سومرو ۽ ٻين احتجاج بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ اسان 2023 کان ڊي او ايجوڪيشن ، تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر کي درخواستون ڏئي رهيا آهيون تا اسان جي اسڪول تي موجود استاد کي بدلي ڪري هونهار استاد ڏنو وڃي پر ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي بالا آفيسرن ڏنل درخواستن تي ڪابہ نظر ثاني نہ ڪئي جنهن سبب 48 معصوم ٻارڙن جي بنيادي تعليم تباهہ ٿي رهي آهي موجود استاد پراڻو پرتي ٿيل آهي جنهن کي انگلش نٿي اچي هن وقت پرائمري جي سبجيڪٽن ۾ انگلش لازمي قرار ڏنل آهي پر اسان جي ڳوٺ جي ٻارڙن کي انگريزي پڙهائڻ وارو ڪو بہ استاد نہ آهي ڳوٺاڻن سيشن جج بدين، ڊي سي بدين ، ڊي او ايجوڪيشن کان مطالبو ڪيو آهي تا استاد بدلي ڪري هونهار استاد ڏنو وڃي تا جيئن ٻارن کي بهتر تعليم ڏئي سگهجي بهتر مستقبل بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 20

قباءَ جي پيش امام مولوي عبدالاڪرام تي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو مولوي عبدالاڪرام فجر جي نماز ادا ڪرائڻ کانپوءِ گهر وڃي رهيو هو تہ نامعلوم جوابدارن متس فائرنگ ڪئي زخمي پيش امام کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي جي اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو جيڪو رستي ۾ فوت ٿي ويو. پوليس موجب واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي. جڏهن تہ جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيا ويندا.

بقايا عوامي سوچ 21

آهن! چاچرو ۾ بائي پاس جو مناسب روڊ ۽ مسافرن لاءِ بنيادي سهولتون موجود نہ هجڻ باوجود. مٺي، ننگرپارڪر ۽ ٻين شهرن کان ايندڙ وڏيون بسون مسافرن کي شهر کان لڳ ڀڳ 2 ڪلوميٽر پري ٽنل لنڪ روڊ تي لاهي ڇڏين ٿيون. ذرا هنن تصويرن ۾ موجود ماڻهن جي تڪليف ڏسو! هڪ ٿرجي ماءُ پنهنجي ننڍڙي ٻار ۽ ڪلهي تي اناج جي ٻوري سان سخت گرميءَ ۾ پيادل وڃي رهي آهي. هڪ هاري پنهنجي سڄي سال جي محنت جو اناج کڻي بي وس بيٺو آهي. عورتون، ٻار، شاگرد، پوڙها ۽ بيمار ماڻهو مٽيءَ ۽ کڏن واري رستي تان شهر پهچڻ لاءِ مجبور آهن. نہ ڇانوَ نہ پيئڻ جو پاڻي، نہ مناسب بس اسٽاپ! ٻئي طرف شهر جو اندروني پڪو روڊ موجود آهي. پر مسافرن کي اتي آڻڻ بدران ٽنل روڊ تي لاهي سندن مشڪلاتون وڌايون وڃن ٿيون. مجبوريءَ جو فائدو وٺندي رڪشا وارا بہ اضافي ڀاڙو وٺن ٿا. سوال اهو آهي تہ آخر غريب عوام جو ڏوهہ ڪهڙو آهي؟ بيمار اسپتال ڪيئن پهچندا؟ شاگرد اسڪول ۽ ڪاليج ڪيئن ويندا؟ عورتون پنهنجن ٻچن ۽ سامان سان ڪيئن سفر ڪنديون؟ هاري پنهنجي محنت جو اناج کڻي ڪيئن شهر پهچندا؟ اسان جا جائز مطالبا سيني مسافر بسن کي پابند ڪيو وڃي تہ اهي چاچرو شهر جي اندروني پڪي روڊ تان مقرر بس اسٽاپ تائين اچن. انهن کي اجازت ڏني وڃي مسافرن کي شهر کان پري غير مناسب هنڌ تي لاهيندڙ بسن کي شهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني وڃي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر چاچرو کي اپيل آهي تہ عوام جي هن اهم مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي. مسافرن کي پريشانين کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. هي رڳو روڊ جو مسئلو ناهي، پر غريب عوام، شاگردن، عورتن ۽ بيمارن جي سهولت ۽ عزت جو سوال آهي. مهرباني ڪري هي پوسٽ وڌ کان وڌ شيئر ڪريو. جيئن عوام جو آواز لاڳاپيل اختيارين تائين پهچي ۽ چاچرو جي ماڻهن کي هن تڪليف کان نجات ملي

بقايا عوامي سوچ 22

مان 1 سيڪڙو ۽ مالڪن کان 5 سيڪڙو هر ماهہ وصول ڪئي ويندي آهي. جيڪا 15 سالن جي ملازمت ۽ 60 سالن جي عمر مڪمل ڪندڙ محنت ڪش کي پينشن جي صورت ۾ ڏني ويندي آهي. گذريل 2 سالن کان مزدورن کي اولڊ ايج پينشن 11,500/_ رپيا ملي رهي آهي. جڏهن تہ اداري جي ملازمن کي سنڌ جي قانونن موجب وڌايل پينشن نٿي ڏني وڃي. بلڪ وپراڻي 11,500/_ رپيا ئي ڏني پئي وڃي. حالانڪ EOBI اداري ۾ اربين رپين جو فنڊ جمع ٿي چڪو آهي. پر محنت ڪش کي هن مهانگائي واري دور ۾ بہ منظور ٿيل پينشن کان محروم رکيو ويو آهي. انهن خيالن جو اظهار آل پاڪستان فيڊريشن آف ٽريڊ يونينز جي مرڪزي نائب صدر ۽ بزرگ مزدور اڳواڻ محبوب علي قريشيءَ فيڊريشن جي ٻين مزدور يونينز سان گڏجي جاري ڪيل هڪ گڏيل بيان ۾ ڪيو انهن ۾ شامل هئا: منظور ٻليدو (جنرل سيڪريٽري، سيوهڻ ڊيولپمينٽ اٿارٽي ورڪرز يونيئن جامشورو) محمد اقبال (جنرل سيڪريٽري، آرمي ويلفيئر شوگر ملز ورڪرز يونيئن سي بي اي بدين) منور مغل (صدر، پيپلز مزدور يونيئن سي بي اي شيخ پرڪيو ٽنڊو محمد خان) محمد اسحاق (جنرل سيڪريٽري، فوڊ گرين گودام ورڪرز يونيئن سي بي اي حيدرآباد) ذاڪر علي چلگري (جنرل سيڪريٽري، يونائيٽيڊ انرجي پاڪستان لميٽيڊ مزدور اتحاد يونيئن سي بي اي بدين) گل بهار (جنرل سيڪريٽري، ايريگيشن ورڪرز يونيئن ميرپورخاص) لطف علي ڏاهري (النُور ايم ڊي ايف بورڊ انڊسٽريز مزدور يونيئن) غلام اڪبر (صدر) ۽ جان محمد (چيئرمين، ڪاٽن سلڪ ويونگ فيڪٽري مزدور يونيئن ٽنڊو آدم) هنن پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو تہ اڄ جي هن مهانگائي واري دور ۾ ضرورت جي شين جي قيمتن کي پر لڳي چڪا آهن. آٽو ۽ پيٽرول روزاني جي بنياد تي مهانگو ٿي رهيو آهي جنهن جي ڪري هر شيءِ جي قيمت پاٽمراڊو وڌي چڪي آهي. ان کان علاوه پاڻي، بجلي ۽ گيس جي بلن جي ادائيگين کان پوءِ مهيني جي خرچ لاءِ 5000/_ رپيا بہ نٿا بچن. حڪومت ٻڌائي تہ انهن باقي بچيل پنجن هزارن ۾ 5 ڄڻن جو خاندان ڪهڙيءَ طرح ٻن ويلن جي روٽي کائي زنده رهي سگهي ٿو ۽ ڪهڙيءَ طرح ٻارن جي بيماريءَ يا تعليمي اخراجاتن کي پورو ڪري سگهي ٿو؟ تنهنڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ حڪومت فوري طور عملي ايڪشن وٺندي EOBI پينشن ۾ هر سال مهانگائيءَ جي تناسب سان اضافو ڪري ۽ ملڪ و ملت جي تعمير ڪندڙ محنت ڪشن کي بہ جئڻ جو حق ڏئي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ محنت ڪش مزيئي گڏجي احتجاج ڪندا

بقايا عوامي سوچ 23

تين پيڻ سڌرا سخت بيمار ٿيڻ سبب دادو جي ڊي ايچ ڪيو اسپتال ۾ داخل آهي. ڳوٺ اندر 10 کان وڌيڪ ٻيا ٻار بہ پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ جون رپورٽون آهن. جنهن سبب ڳوٺاڻن ۾ خوف ۽ ڳڻتي پکڙيل آهي. خبر موجب ڳوٺ غلام حيدر ٻرڙو ۾ پراسرار بيماري سبب ٻن معصوم ڀاءُ ڀيڻ جي فوت ٿيڻ کانپوءِ سندن خاندان سوڳوار ٿي ويو آهي. جڏهن تہ ٻين ٻارن جي بيمار ٿيڻ سبب والدين سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن. ڳوٺ جي رهواسين عامر ٻرڙو، شمن ٻرڙو ۽ ٻين ٻڌايو تہ ڳوٺ ۾ بيماري پکڙجي رهي آهي. ٻارن کي سخت بخار ٿيڻ کانپوءِ سندن حالت تيزيءَ سان خراب ٿي وڃي ٿي ۽ مبينا طور رڳو 12 ڪلاڪن اندر فوتگيون ٿي رهيون آهن. هنن موجب بخار کانپوءِ ڪجھ ٻارن جا هٿ پير بہ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏين ٿا. جنهن ڪري ڳوٺاڻا سخت خوف ۾ ورتل آهن. متاثر ڳوٺاڻن چيو تہ ٻن معصوم ٻارن جي فوت ٿيڻ ۽ وڌيڪ ٻارن جي بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ باوجود بيماري جا اصل سبب معلوم نہ ٿي سگهيا آهن. هنن ضلعي انتظاميا ۽ صحت کاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڳوٺ غلام حيدر ٻرڙو ۾ هنگامي بنيادن تي طبي ٽيمون موڪليون وڃن. بيماري جي سببن جي جاچ ڪرائي وڃي ۽ متاثر ٻارن کي فوري طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. جيئن وڌيڪ معصوم ٻارن جون حياتيون بچائي سگهجن

بقايا عوامي سوچ 24

ورتاءُ ۽ مسلسل زيادتين خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. صحافين سان ڳالهائيندي سينگار علي لاشاري الزام هنيو تہ سندس پٽ گهر ۾ جهيڙا ڪري ٿو. گهر ڀاتين سان مارڪٽ ڪري ٿو ۽ پنهنجن ڀائرن سان بہ وڙهي ٿو. جنهن سبب هو سخت ذهني ۽ جسماني اذيت ۾ مبتلا آهي. هن چيو تہ پٽ جي ظلمن کان تنگ اچي ڪيس پنهنجي زندگيءَ مان نيڪالي ڏيان ٿو. پوليس اهلڪار وڌيڪ چيو تہ هن پنهنجي سڄي زندگي قانون ۽ فرضن جي پاسداري ڪندي گذاري آهي. پر پٽ جي رويي سبب سندس عزت ۽ وقار متاثر ٿي رهيو آهي. هن آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ سندس دانهن جو نوٽيس وٺي کيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 25

ڪم تيز ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ٽائون جي عملي پارڪن ۾ صفائي سترائي، گرين بيلٽس جي بحالي، وڻڪاري ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ان سلسلي ۾ چيئرمين دڙي ٽائون شاهہ رخ انور سيال جو چوڻ هيو تہ اهڙن ڪوشش جو مقصد شهرين کي صاف سٿرو، سرسبز ۽ خوشگوار تفريحي ماحول فراهم ڪرڻ آهي. جتي ٻار، نوجوان، بزرگ ۽ خاندان بهتر ماحول ۾ پنهنجو وقت گذاري سگهن. هوڏانهن شهرواسين جو چوڻ هيو تہ دڙي ٽائون جي مختلف پارڪن جي سار سنڀال ۽ خوبصورتيءَ لاءِ جاري آهي قدم شهر جي ماحول کي بهتر بڻائڻ ۽ عوام کي تفريحي سهولتون فراهم ڪرڻ ڏانهن هڪ ساراهہ جوڳو عمل آهن.

بقايا عوامي سوچ 26

رائيس مل ايسوسيئيشن ضلعي سجاول جي صدر ۽ نالپواري واپاري سيٺ محمد ميمڻ پاران پيپلز پارٽي جي ضلعي اڳواڻ هردلعزيز شخصيت رئيس حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي ۽ رئيس شفقت علي خان ملڪاڻي جي مان ۾ هڪ شاندار آجياڻي ۽ ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو. آجياڻي واري تقريب چاند رائيس مل چوهڙجمالي ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ علائقي جي معزز سياسي، سماجي شخصيتن، رائيس مل مالڪن، واپارين، زميندارن، صحافي برادري ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ان موقعي تي ميزبان سيٺ محمد ميمڻ پاران پنهنجي مهمانن رئيس حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي ۽ رئيس شفقت علي خان ملڪاڻي کي سنڌ جي ثقافت جا حسين تحفا، سنڌي ٽوپيون ۽ اجرڪ واريون لنگيون پيش ڪيون ويون. جڏهن تہ آيل ٻين معزز مهمانن کي پڻ لونگيون اوڍائي عزت بخشي وئي. تقريب دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي پيپلز پارٽي اڳواڻ رئيس حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي چيو تہ اسان هميشہ بنا ڪنهن فرق جي عوام جي خدمت ڪئي آهي. اسان جي سياست جو بنياد ئي خدمت، شرافت ۽ عوام سان محبت آهي انشاءالله تڪ جي عوام سان ڏک سک ۾ گڏ رهنداسين

بقايا عوامي سوچ 27

، متاثر امڙ جو چوڻ آهي تہ منهنجي پٽ جو دماغي توازن ٺيڪ نہ هو سندس پٽ کي گم ٿئي 5 سال گذري چڪا آهن، پوليس وٽ چڪر ڪاٽڻ باوجود اڃا تائين سندس ڪو بہ پتو پئجي نہ سگهيو آهي، جنهن بعد اسين سخت ذهني اذيت ۽ پريشانيءَ مان گذري رهيا آهيون، سندس جو چوڻ هو تہ پوليس اختياريون ڪيس هيل تائين ڪو بہ مثبت جواب ناهن ڏئي سگهيون، پيرسن ماءُ حميده آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارين اختيارين کان پُرزور اپيل ڪندي گهر ڪئي آهي تہ معاملي جو فوري نوٽيس وٺي سندن گم ٿيل پٽ کي ڳولي سندن پريشاني ختم ڪئي وڃي ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 28

ڪيو ويو تفصيل موجب روهڙي پرسان پٽڻي ٽاڻي جي حد ۾ سي پيڪ روڊ تي ايل پي جي گئس سان ڀريل بائوزر ٽرالر ۽ ٽرڪ وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ کانپوءِ زوردار ڌماڪو جر نتيجي ۾ بائوزر ٽرالر کي باهہ وڪوڙي وئي ڌماڪي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي ويو جڏهن تہ صورتحال واضح ٿيڻ بعد واقعي واري هنڌ تي امدادي سرگرميي پئي ڌماڪي جو آواز پري پري تائين ٻڌڻ ۾ آيو جڏهن تہ واقعي کانپوءِ روڊ تي صورتحال ڳڻتي جوڳي بڻجي وئي واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ امدادي ٽيمون ترت واقعي واري هنڌ پهچي ويون جتان فوت ٿيل ٻن ڄڻن جا لاش ۽ زخمين کي ڪيڏي اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين کي شروعاتي طور روهڙي اسپتال پهچايو ويو جتي کين طبي امداد فراهم ڪئي وئي زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي جنهن سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو اسپتال ذريعن موجب فوتين ۾ 55 ورهين جو صفدر علي ولد احمد شير،وينل ضلع خوشاب جڏهن تہ 40 ورهين جو عدنان شامل آهي زخمين ۾ فدا حسين،عمر حيات،ڪامران،شاهد،عارف شاهہ ،عامر ۽ زاهد جا نالا ٻڌايا پيا وڃن سي پيڪ روڊ تي پيش آيل هن افسوسناڪ واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 29

واقعي جي اطلاع تي پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پوليس موجب واقعي جا اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي جڏهن تہ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ حقيقتون سامهون اچڻ جو امڪان آهي

بقايا عوامي سوچ 30

وس آهي هن چيو تہ زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن جڏهن تہ ضرورت پوڻ تي کين خانگي اسپتال يا ايئر ايمبولينس ذريعي ڪنهن ٻئي شهر منتقل ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو تہ نيشنل هاءِ وي ۽ موٽروي انٽرچينج پرسان ريسڪيو 1122 جا مرڪز قائم ڪيا ويندا جيئن هنگامي حالتن ۾ بروقت امدادي ڪارروايون ڪري سگهجن. ايل پي جي بائوزر ڪٿان آيو هو ان بابت پڻ معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر خان شهزاد چيو تہ حادثي جي سببن جي جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ انتظاميا جي پهرين ترجيح زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي هن ٻڌايو تہ فوت ٿيل ٻئي ڄڻا ايل پي جي بائوزر جا ڊرائيور هئا جڏهن تہ حادثي ۾ ٻين گاڏين جا ڊرائيور پڻ زخمي ٿيا آهن ٻئي طرف ايس ايس پي سکر احمد چوڌري چيو تہ حادثي کانپوءِ متاثر ٿيل شاهراهہ تي ٽريفڪ بحال ڪئي وئي آهي هن وڌيڪ ٻڌايو تہ واقعي جي اصل سببن جي جاچ لاءِ سي ٽي ڊي جي ٽيم واقعي واري هنڌ تان ضروري شاهديون گڏ ڪري ورتيون آهن

بقايا عوامي سوچ 31

پهتي. ريلي ۾ شريڪ مظاهرين پاران ”پاڪستان زنده آباد“ ۽ ”ڪشمير بڻجندو پاڪستان“ جا نعرا هنيا ويا. ان موقعي تي غلام مرتضيٰ چانڊيو، محمد يعقوب کهڙو، محمد اسلم راجپوت، محمد اسماعيل پنهور، شفيق احمد پنهور، احسان علي آرائين ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ ڪشميري عوام سان سندن محبت ۽ يڪجهتي جو رشتو قائم آهي ۽ هو هر ڏکئي وقت ۾ ڪشميرين سان گڏ بيٺل آهن. مظاهرين ڀارتي اختيارين پاران ڪشميرين تي مبينا تشدد ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي مذمت ڪندي چيو تہ ڪشمير جو مسئلو پرامن طريقي سان حل ٿيڻ گهرجي. هنن گڏيل قومن ۽ انساني حقن جي عالمي تنظيمن کان مطالبو ڪيو تہ ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال جو نوٽيس وٺي، ڪشميري عوام جي تحفظ ۽ بنيادي حقن جي فراهمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502